روزاني
سنڌيار
ايڊيٽر: اعجاز مهر
سکر
Daily SINDHYAR Sukkur
www.dailysindhyar.com
(جلد پهريون) ڇنڇر 21 جنوري 2023ع بمطابق 28 جمادي الثاني 1444هه (قيمت 10 رپيا) شمارو 239

آءِ ايم ايف سان شرط مڃڻ سان مهانگائي 50 سيڪڙو وڌي ويندي: عمران خان

پنجاب جي گورنر ايڊوائيس ۾ چونڊن جي تاريخ نه لکي آئين جي ڀڃڪڙي ڪئي، سنڌس ان قدم کي عدالت ۾ چيلنج ڪرڻ جو فيصلو ڪيو آهي

جيڪڏهن ملڪ ۾ صاف شفاف چونڊون نه ٿيون ته سريلنڪا جهڙي صورتحال پيدا ٿي سگهي ٿي، مون وٽ اڃا گهڻا ڪارڊ باقي آهن

ڪيڏندس نه بي ڊي ايم وارن جي لوڻ ڪاندرجي ويندي، پنجاب اسيمبلي ٽوڙڻ بي ڊي ايم لاءِ هڪ اهڙو شاٽ آهي: پي ٽي آءِ چيئرمين

جنهن جي گونج صدين تائين ٻڌي ويندي، مون کي نااهل ڪيو ويو ته ماڻهو پيو ۽ ماڻهو پي ٽي آءِ جي نظريي کي ووٽ ڏيندا: اڳوڻو وزيراعظم

اسحاق ڊار بابت رڳو ايترو چوندس ته هو سڄي تباهي جو ذميوار آهي، ن ليگ جي اندر ڏڪڻ جي حوالي سان سنجيده آواز ٻڌي رهيا آهيون

ن ليگ جي موروثي سياست خلاف پهريون آواز چوڌري نثار اٿاريو، نواز شريف قطعي سياستدان ناهي: لاهور ۾ سينيئر صحافين سان ڳالهيون

لاهور (م ر) تحريڪ انصاف چيئرمين عمران خان چيو آهي ته مون کي نااهل ڪيو ويو ته ماڻهو پي ٽي آءِ جي نظريي کي ووٽ ڏيندا. لاهور ۾ سينيئر صحافين سان ڳالهائيندي عمران خان چيو ته پنجاب جي گورنر ايڊوائيس ۾ چونڊن جي تاريخ نه لکي آئين جي ڀڃڪڙي ڪئي، سنڌس ان قدم کي عدالت ۾ چيلنج ڪرڻ جو فيصلو ڪيو آهي. جيڪڏهن ملڪ ۾ صاف شفاف چونڊون نه ٿيون ته سريلنڪا جهڙي صورتحال پيدا ٿي سگهي ٿي، مون وٽ اڃا گهڻا ڪارڊ باقي آهن. ڪيڏندس نه بي ڊي ايم وارن جي لوڻ ڪاندرجي ويندي، پنجاب اسيمبلي ٽوڙڻ بي ڊي ايم لاءِ هڪ اهڙو شاٽ آهي. جنهن جي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 01

ڪوبه ملڪ چئلينجز کي اڪيلي سر منهن نه ٿو ڏئي سگهي: بلاول

يوڪرين روس معاملي تي پاڪستان پنهنجي موقف تي قائم آهي، پاڪستان هن تڪرار جي حل جو خواهشمند آهي، چو ته روس ۽ يوڪرين جنگ سبب دنيا تي منفي اثر پيا آهن

روس ۽ يوڪرين جنگ سان انساني بحران جنم ورتو، روس ۽ يوڪرين جنگ سان هزارين ماڻهو عارضي طور تي بي گهر ٿيا، هن جنگ سان خطي ۾ امن کي نقصان پهتو

پاڪستان جو دهشتگردي خلاف جنگ ۾ ڪردار چٽو آهي ۽ پاڪستان جو موقف آهي ته جنگين سان غربت ۽ بيروزگاري کان سواءِ ٻيو ڪجهه به ناهي ملندو

پاڪستان جي خواهش آهي ته يوڪرين ۽ روس ڳالهين سان معاملي کي حل ڪن ۽ ٻنهي ملڪن وچ ۾ تڪرار يو اين قرارداد موجب حل ٿيڻ گهرجي: پرڏيهي وزير

2022 ۾ افغان طالبان سان ڳالهيون ڪيون ويون، ڪشميري به دنيا طرف ڏسي رهيا آهن. هن چيو ته پاڪستان موسمياتي تبديلين سميت ٻين چيلنجز کي منهن ڏنو آهي

ترقي يافته ملڪ به اڪيلي سر اهڙن چيلنجز کي منهن نٿا ڏئي سگهن. مسئلن جي حل لاءِ دنيا کي گڏيل تعاون جي ضرورت آهي، ٿئين دنيا جون معيشتون هن وقت دٻاءُ جو شڪار آهن

ڊيووس: (مانيٽرنگ ڊيسڪ) پرڏيهي وزير بلاول ڀٽو زرداري چيو آهي ته يوڪرين جي معاملي تي گڏيل قومن جي قراردادن تي نه عمل ڪيو ويندو آهي پر افسوس سان چوڻو ٿو پوي ته مغرب جي لاءِ ڪشمير تي گڏيل قومن جون قراردادون صرف ڪاغذي ڪارروائي تائين محدود آهن. پرڏيهي وزير بلاول ڀٽو زرداري ڊيووس ۾ ورلڊ اڪنامڪ فورم جي سيڪيورٽي بابت ڊائلاگ دوران خيالن جو اظهار /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 03

ڊيووس: پرڏيهي وزير بلاول ڀٽو زرداري اجلاس جي صدارت ڪندي

رات 10 وڳي کان پوءِ ڪاروبار ڪندڙ دڪاندارن مٿان 2 لک رپيه ڏنڊ لڳائڻ جو حڪم

اسان کي خوشي ٿي اوهان جا لفظ ٻڌي، اسان کي پنهنجي زندگي گذارڻ جو طريقو تبديل ڪرڻو پوندو

لاهور ۾ ٿيندڙ شادين ۾ ون ڊش جي ڀڃڪڙي تي به غور ڪيو پيو وڃي: عدالت جا ريمارڪس

لاهور (م ر) لاهور هاءِ ڪورٽ رات 10 وڳي کان پوءِ ڪاروبار ڪندڙ مارڪيٽن مٿان 2 لک رپيه ڏنڊ لڳائڻ جو حڪم ڏئي ڇڏيو سيڪريٽري جنرل /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 08

خيبر ۾ پوليس چيڪ پوسٽ تي آپگهاتي حملو، 3 ڄڻا شهيد

هشتگردن تخته بيگ پوليس چيڪ پوسٽ تي فائرنگ ڪئي ۽ پوءِ آپگهاتي ڌماڪو ڪيو

حملي جي نتيجي ۾ پوليس چيڪ پوسٽ ۾ باهه لڳي وئي، پوليس ۽ دهشتگردن ۾ مقابلو به ٿيو

خيبر (م ر) خيبر پختونخواهه جي ضلعي خيبر ۾ تخته بيگ پوليس چيڪ پوسٽ تي دهشتگردن جي حملي ۾ ٻه پوليس اهلڪار شهيد ٿي ويا. پوليس موجب دهشتگردن تخته بيگ پوليس چيڪ پوسٽ تي فائرنگ ڪئي ۽ پوءِ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 10

لاهور: پنجاب جو وڏو وزير چوڌري پرويز الاهي پريس ڪانفرنس ڪندي

نگران وڏي وزير جي نامزدگي تي سياست ڪندڙن کي شرم اچڻ گهرجي: پرويز الاهي

چوڌري پرويز الاهي جي صدارت هيٺ مشاورتي اجلاس ٿيو، جنهن ۾ نگران وڏي وزير جي نامزدگي ۽ سياسي صورتحال تي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي

نگران وڏي وزير جي نامزدگي لاءِ مخالف ڌر جو رويو غلط آهي. نگران وڏو وزير سنجيده ناهي، اپوزيشن هڪ ڀيرو ٻيهر نگران وڏي وزير جي نامزدگي کي تڪراري بڻائي ڇڏيو آهي

سمجهه کان ٻاهر ۽ سياسي ناپختگي جي مترادف آهي. نگران وڏي وزير لاءِ بهترين ماڻهن جا نالا ڪليا آهن. قوم ڏسي رهي آهي ته ڪير آهي؟

لاهور (م ر) پنجاب جي وڏي وزير چوڌري پرويز الاهي چيو آهي ته نگران وڏي وزير جي نامزدگي تي سياستدانن کي شرم اچڻ گهرجي. چوڌري پرويز الاهي جي صدارت هيٺ مشاورتي اجلاس ٿيو، جنهن ۾ نگران وڏي وزير جي نامزدگي ۽ سياسي صورتحال تي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي. ڳالهائيندي پنجاب جي وڏي وزير چوڌري پرويز الاهي چيو ته نگران وڏي وزير جي نامزدگي لاءِ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 07

انٽربئنڪ ۽ اوپن مارڪيٽ ۾ ڊالر ۾ 30 کان 40 رپين جو فرق آهي: اپٽما

ملڪ ۾ ڊالر جي کوٽ آهي، انٽربئنڪ ۽ اوپن مارڪيٽ ۾ ڊالر جي قيمت ۾ 30 کان 40 رپين جو فرق آهي: حامد زمان

جيڪڏهن خام مال ۽ مشينري نه هوندي ته ڪم ڪيئن ٿيندو، جيڪڏهن درآمد بند ٿي ته ٽيڪسٽائيل انڊسٽري بند ٿي ويندي

ڪراچي (اسٽاف رپورٽر) آل پاڪستان ٽيڪسٽائل ملز ايسوسيئيشن (اپٽما) پنجاب زون جي چيئرمين حامد زمان جو چوڻ آهي ته ملڪ ۾ ڊالر جي کوٽ آهي. انٽر بئنڪ ۽ اوپن مارڪيٽ ۾ ڊالر جي قيمت ۾ 30 کان 40 رپين جو فرق /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 05

سبزين ۽ ميون جي اگهن جي فهرست پيش، دڪانن تي ڇاپا هڻندس: مراد علي شاهه

سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه کي سبزين ۽ ميون جي اگهن جي فهرست پيش ڪئي وئي

دڪانن تي اوچتا دورا ڪري اگهن جي فهرست ڏسندس ۽ عوام کان ڄاڻ به وٺندس: سنڌ جو وڏو وزير

سڀني ڪمشنرن کي هدايتون جاري ڪيون آهن ته مهانگائي ڪنٽرول ڪرڻ لاءِ سمورا قدم کنيا وڃن. دڪانن تي اگهن جي فهرست لڳائي وڃي

ڪراچي (م ر رپورٽر) سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه کي سبزين ۽ ميون جي اگهن جي فهرست پيش ڪئي وئي. سيد مراد علي شاهه چيو آهي ته دڪانن تي اوچتا دورا ڪري اگهن جي فهرست ڏسندس ۽ عوام کان ڄاڻ به وٺندس. هن سڀني ڪمشنرن کي هدايتون جاري ڪيون آهن ته مهانگائي ڪنٽرول ڪرڻ لاءِ سمورا قدم کنيا وڃن. دڪانن تي اگهن جي

ڪراچي: شهرين جي گمشدگي بابت ڪيس داخل ڪرڻ جو حڪم

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ هاءِ ڪورٽ شهرين جي گمشدگي تي فوري ڪيس داخل ڪرڻ جو حڪم /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 11

پرڏيهي وزارت عافيه صديقي جي ڀيڻ کي قانوني محاذ تي سهولت فراهم ڪري: عدالت

اسلام آباد (م ر) اسلام آباد هاءِ ڪورٽ پرڏيهي وزارت کي عافيه صديقي جي آزادي بابت /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 09

بولان ۾ ريلوي ٽريڪ تي ڌماڪو، 8 مسافر زخمي

بلوچستان جي ضلعي بولان واري علائقي ٻنير ۾ ريلوي لائين تي ڌماڪي سبب ٽرين جون ٻوگيون پٽڙي تان لهي ويون

ڪوئيٽا کان پشاور ويندڙ جعفر ايڪسپريس کي ڌماڪيدار مواد سان اڏائڻ جي ڪوشش ڪئي وئي، جنهن سبب انجڻ سميت اٺ ٻوگيون پٽڙي تان لهي ويون

جابلو علائقي هجڻ سبب ريسڪيو ٽيمن کي پريشانين کي منهن ڏيڻو پيو، واقعي جي اطلاع ملندي ئي سيڪيورٽي فورسز ۽ ريسڪيو ٽيمون واقعي واري هنڌ پهتيون

ڌماڪي جي نتيجي ۾ ٽرين جي پٽڙي تان لهڻ کان پوءِ مڇ، سبي ريلوي ٽريڪ تي ٽرينن جي آمد رفت معطل ٿي وئي آهي: ريلوي اختياريون

ضلعي جي سمورين اسپتالن ۾ هنگامي حالتون لاڳو ڪري ڊاڪٽرن ۽ پيرا ميڊيڪل عملي کي الرٽ ڪيو ويو آهي

ڪوئيٽا: م ر) بلوچستان جي ضلعي بولان واري علائقي ٻنير ۾ ريلوي لائين تي ڌماڪي سبب ٽرين جون ٻوگيون پٽڙي تان لهي ويون جنهن جي نتيجي ۾ 8 ڄڻا زخمي ٿي پيا. پوليس موجب سبي، ٻنير جي علائقي ۾ ريلوي ٽريڪ تي ڌماڪو /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 02

تيل ۽ گئس فراهمي جو معاملو، روسي وفد جي وزيراعظم سان ملاقات

ملاقات ۾ واپار، سيڙپڪاري، اقتصادي معاملن تي سهڪار ۾ پاڪ-روس دلچسپي تي اطمينان جو اظهار ڪيو ويو

ملاقات ۾ اقتصادي ۽ واپاري لاڳاپن کي هٿي ڏيڻ لاءِ انرجي سيڪٽر جي اهميت تي اتفاق ڪيو ويو: ذريعا

روس طرفان پاڪستان کي ڊگهي مدي جي بنياد تي تيل ۽ گئس جي فراهمي تي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي

اسلام آباد (م ر) پاڪستان جي دوري تي آيل روس جي توانائي واري وزير، وزيراعظم شهباز شريف کي صدر ولاديمير پيوٽن جو خاص پيغام پهچايو. وزيراعظم شهباز شريف سان روس جي توانائي واري وزير جي سربراهي ۾ وفد جي ملاقات /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 04

پي ٽي آءِ جي 35 وڌيڪ ميمبرن جي استعفي منظور، انگ 80 تي پهتو

گذريل اڱاري تي به اسپيڪر پي ٽي آءِ جي 34 ميمبرن ۽ عوامي مسلم ليگ جي شيخ رشيد جي استعيفي منظور ڪئي هئي

جن کي اليڪشن ڪميشن دي نوٽيفاءِ ڪري ڇڏيو هو، اسپيڪر گذريل سال پي ٽي آءِ جي 11 ميمبرن جي استعيفي منظور ڪئي هئي

هن مهل تائين مجموعي طور 79 پي ٽي آءِ ۽ هڪ شيخ رشيد سميت 80 ميمبرن جون استعيفائون قبول ٿي ويون آهن

اسلام آباد (م ر) قومي اسيمبلي جي اسپيڪر راجا پرويز اشرف پاڪستان تحريڪ انصاف جي وڌيڪ 35 ميمبرن جون استعيفائون منظور ڪري ورتيون آهن ۽ انهن کي ڊي نوٽيفاءِ ڪرڻ لاءِ اليڪشن ڪميشن آف پاڪستان کي خط به لکي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 13

لاهور: پ پ اڳواڻ قمر زمان ڪائره پريس ڪانفرنس ڪري رهيو آهي

باقي ميمبرن جون استعيفائون به منظور ڪيون وڃن: پي ٽي آءِ

قومي اسيمبلي جي اسپيڪر اسان کي اسيمبليءَ ۾ گهرايو هو، مان اهڙيون استعيفائون قبول نه ٿو ڪري سگهان: اسد قيصر

ڇا جن جون استعيفائون قبول ڪيون ويون هيون انهن کي اسپيڪر سڏايو هو؟ اهو غير قانوني آهي. جمهوريت جي نالي تي مذاق آهي

اسان چاهيون ٿا ته اسان جا ايم اين اي اسيمبلي ۾ وڃن. اسان مجبور، لاچار پارليامينٽ جي سامهون بيٺا آهيون: پي ٽي آءِ اڳواڻ

اسلام آباد (م ر) پاڪستان تحريڪ انصاف (پي ٽي آءِ) قومي اسيمبلي جي وڌيڪ 35 ميمبرن جون استعيفائون منظور ڪرڻ کانپوءِ مطالبو ڪيو آهي ته باقي ميمبرن جون استعيفائون به منظور ڪيون وڃن. شاهه محمود قريشي جي اڳواڻي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 12

پنجاب ۾ عام چونڊن دوران (ن) ليگ اڪثريت سان ڪامياب ٿيندي: راڻا ثناءُالله

پي ٽي آءِ وارن جا ڪارا ڪرتوت سڀني جي سامهون اچي رهيا آهن، پنجاب ۾ عام چونڊن دوران ن ليگ اڪثريت سان ڪامياب ٿيندي

ڪنهن جي به گرفتاري جو فيصلو حڪومت جو ناهي هوندو اهو فيصلو جاچ ڪندڙ ادارن جو هوندو آهي: وفاقي گهرو وزير

پنجاب جي عام چونڊن ۾ (ن) ليگ نه صرف ڪامياب ٿيندي پر اڪثريت به حاصل ڪندي، اڃان تائين پنجاب ۾ چونڊ شيڊول جاري ناهي ٿيو

لنڊن (م ر) وفاقي گهرو وزير راڻا ثناءُالله مخالفن تي تنقيد ڪندي چيو آهي ته پي ٽي آءِ وارن جا ڪارا ڪرتوت سڀني جي سامهون اچي رهيا آهن. پنجاب ۾ عام چونڊن دوران ن ليگ اڪثريت سان ڪامياب ٿيندي. لنڊن ۾ صحافين سان ڳالهين /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 14

لنڊن: وفاقي گهرو وزير راڻا ثناءُالله پريس ڪانفرنس ڪري رهيو آهي

پاڪستان کي قرض فراهمي ۾ دير جي خبرن تي ورلڊ بئنڪ جو اهم بيان اچي ويو

ڪراچي (م ر) ورلڊ بئنڪ پاڪستان لاءِ آپريشنز ۾ امڪاني دير بابت ميڊيا تي هلندڙ خبرن تي وضاحتي بيان جاري ڪري ڇڏيو. گذريل ڏينهن ميڊيا تي اهڙيون خبرون آيون هيون ته ورلڊ بئنڪ پاڪستان لاءِ هڪ ارب 10 ڪروڙ ڊالر قرض جي منظوري هڪ سال لاءِ ملتوي ڪري ڇڏي آهي. پاڪستان لاءِ ورلڊ بئنڪ جي ڪنٽري ڊائريڪٽر جو ان حوالي سان چوڻ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 19

حيدرآباد ۾ فائرنگ، سنڌ يونيورسٽي جو بس ڊرائيور مارجي ويو

ڊرائيور بس روڪي ۽ هوٽل تي پاڻي پيئڻ لاءِ هيٺ لٿو ته جوابدارن فائرنگ ڪري ڏني: امجد شيخ

ابتدائي جاچ ۾ انڪشاف ٿيو آهي ته واقعو خانداني تڪرار ۽ غيرت جي نالي تي قتل آهي

حيدرآباد (رپورٽر) حيدرآباد ۾ موٽرسائيڪل سوار جوابدارن جي فائرنگ ۾ سنڌ يونيورسٽي جو بس ڊرائيور مارجي ويو سينيئر سپرنٽينڊنٽ آف /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 15

علي زيدي جي ضمانت منظور، پيپلزپارٽي زرداري مافيا آهي: علي زيدي

ڊي سي آفيس ڪيماڙي ۾ ڊي آر او آفيس ۾ ڀڃ ڊاهه ۽ هڙتال ڪيس ۾ نامزد جوابدار علي زيدي دهشتگردي ٽوڙ عدالت ۾ پيش ٿيو

دهشتگردي ٽوڙ عدالت علي زيدي جي 30 هزار رپين جي مچلڪن عيوض ضمانت واري درخواست منظور ڪندي پوليس کي جوابدارن جي گرفتاري کان روڪي ڇڏيو

لوڪل گورنمينٽ لاءِ حافظ نعيم الرحمان سان رابطي ۾ آهيان، حافظ نعيم الرحمان سپاٽي اسان وٽ اچي رهيو آهي، ساڻس ملاقات کانپوءِ معاملو اڳتي وڌنداسين: علي زيدي

ڪراچي (رپورٽر) دهشتگردي ٽوڙ عدالت پاڪستان تحريڪ انصاف جي اڳواڻ علي زيدي جي ضمانت واري درخواست منظور ڪري ورتي. ڊي سي آفيس ڪيماڙي ۾ ڊي آر او آفيس ۾ ڀڃ ڊاهه ۽ هڙتال ڪيس ۾ نامزد جوابدار علي زيدي دهشتگردي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 16

اسپيڪر جو قدم غير قانوني ۽ مذمت جوڳو آهي، پي ٽي آءِ ميمبر پارليامينٽ هائوس پهچي ويا

اسلام آباد (م ر) پاڪستان تحريڪ انصاف جي اڳواڻن چيو آهي ته قومي اسيمبلي جي اسپيڪر جو قدم غيرقانوني ۽ مذمت جوڳو آهي. حڪومت کي گهرائڻ ملڪ جي مفاد ۾ آهي. اسلام آباد ۾ پارليامينٽ هائوس ٻاهران صحافين سان ڳالهيون ڪندي پي ٽي آءِ جي جنرل سيڪريٽري اسد عمر چيو ته قومي اسيمبلي جي اسپيڪر اسان کي گهرايو هو. اسپيڪر /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 18

ڪراچي: دهشتگردي ٽوڙ عدالت ۾ پيشيءَ کان پوءِ پاڪستان تحريڪ انصاف جي اڳواڻ علي زيدي پريس ڪانفرنس ڪري رهيو آهي

ڪراچي ۾ پوليس جي ڪارروائي، 4 گهربل ڌاڙيل گرفتار

ڪجهه عرصو اڳ گلستان جوهر ۾ جوابدار بئنڪ مان 17 لک رپيا ڦُري فرار ٿي ويا هئا: ايس ايس پي ملير

لطيف گلستان سوسائٽي ۾ پوليس مقابلي بعد 2 ڌوهارين کي زخمي حالت ۾ گرفتار ڪري ورتو

ڪراچي (رپورٽر) ڪراچي ۾ پوليس مختلف علائقن ۾ ڪارروايون ڪندي 2 جوابدارن سميت 4 انتهائي گهربل ڌاڙيلن کي گرفتار ڪري ورتو/ بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 17

ملڪ ۾ ايندڙ مهيني پيٽرول جي کوٽ جو خدشو

ملڪ جي بئنڪن آئل ڪمپنين جي پيٽرول امپورٽ ايل سيز کولڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو

هن جهازن کان پيٽرول اچي رهيو آهي، ان کانپوءِ پيٽرول امپورٽ نه ٿيندو: انڊسٽري ذريعا

اسلام آباد (م ر) ملڪ جي بئنڪن آئل ڪمپنين جي پيٽرول امپورٽ ايل سيز کولڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو. انڊسٽري ذريعن موجب هن جهازن کان پيٽرول اچي رهيو آهي، ان کانپوءِ پيٽرول امپورٽ نه ٿيندو انڊسٽري ذريعن جو چوڻ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 20

سنڌ هاءِ ڪورٽ جي چيف جسٽس ۽ جسٽس سعيد يوسف تي ٻڌل ٻه رڪني بئنچ جي ٻڌڻي ٿي

اومني گروپ خلاف انڪوائري ڪيس ۾ کنڊ جي ايڪسپورٽ تي سبسڊي جي ادائيگي نه ڪرڻ تي 17 شگر ملن جي درخواست جي ٻڌڻي ٿي

درخواستگذارن جي آءِ ٽي کي انڪوائري ۾ ادائيگي روڪڻ جي درخواست ڪئي هئي، درخواست گذار شگر ملز جو اومني گروپ جي شگر ملن سان ڪوبه واسطو ناهي

عدالت نيب ۽ ايف آءِ اي جي چيئرمين کان اومني گروپ خلاف جاچ رپورٽ طلب ڪري ورتي. اومني گروپ ۽ انور مجيد خلاف هن وقت تائين ڪهڙي جاچ ٿي آهي؟

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ هاءِ ڪورٽ جي چيف جسٽس احمد علي شيخ ۽ جسٽس سعيد يوسف تي ٻڌل ٻه رڪني بئنچ اومني گروپ خلاف انڪوائري ڪيس ۾ کنڊ جي ايڪسپورٽ تي سبسڊي جي ادائيگي نه ڪرڻ تي 17 شگر ملن جي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 22

صوبائي وزير طارق حسن جي اڳوڻي خيرپور رياست جي پرنس مير مهدي ٽالپر سان ملاقات

دستاويزي ۽ تصويري ۽ نوادراتي ريڪارڊ کي محفوظ ڪري آرڪائيز کاتي ۾ (ٽالپر خاندان) جي نالي سان منسوب ڪارنر ۾ ريڪارڊ طور رکڻ بابت ڳالهيون ٻڌ ٿيون

سنڌ حڪومت سنڌ جي وڏي وزير جي ويزن کي سامهون رکي سنڌ جي تاريخي ريڪارڊ کي محفوظ ڪرڻ بابت ٺوس ۽ عملي پروگرام ترتيب ڏنا آهن: طارق حسن

اسان تعزيم جي نظر سان ڏسندي اوهان سان پنهنجو اهميت جو حامل آرڪائيز بابت مواد ۽ دستاويزي ريڪارڊ شيئر ڪنداسين: پرنس مير مهدي ٽالپر

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ جي وڏي وزير جي آرڪائيز کاتي بابت صلاحڪار طارق حسن جي اڳوڻي خيرپور رياست جي پرنس مير مهدي ٽالپر سان سنڌس گهر تي اهم ملاقات. ٽالپر دور ۽ خيرپور رياست جي دور جي اهم تاريخي، دستاويزي ۽ تصويري /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 23

ڪراچي: ڪراچي جو اڳوڻو ميئر ۽ ايم ڪيو ايم پاڪستان جو اڳواڻ وسيم اختر پريس ڪانفرنس ڪندي

سنڌ هاءِ ڪورٽ ٻه رڪني بئنچ شهرين جي گم ٿيڻ تي فوري ڪيس داخل ڪرڻ جو حڪم ڏئي ڇڏيو

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ هاءِ ڪورٽ جي جسٽس نعمت الله ڦلپوٽو تي ٻڌل ٻه رڪني بئنچ شهرين جي گم ٿيڻ تي فوري ڪيس داخل ڪرڻ جو حڪم ڏئي ڇڏيو آهي. عدالت گم ٿيل ماڻهن جي ڪيسن جي ٻڌڻي ڪئي. ٻڌڻي دوران عدالت چيو ته جنهن به علائقي مان ڪو ماڻهو گم ٿئي ته فوري لاڳاپيل ٿاڻي ۾ ڪيس داخل ڪيو وڃي. درخواستگذار جي وڪيل چيو ته شهري /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 28

ڪوئيٽا: مڇ جي علائقي ٻنير ۾ ڌماڪي جو نشانو بڻيل جعفر ايڪسپريس جي ويجهو مسافر کلي ميدان ۾ بيٺل نظر اچي رهيا آهن

ناريءَ جو سمنڊ ۾ ٽپو ڏئي آپگهات ڪرڻ واري ڪيس ۾ اهڃاڻ، نامزد عورت گرفتار

ڪيس ۾ نامزد جوابدار کي گرفتار ڪيو ويو آهي، بسمه يعقوب کي ضمانت رد ٿيڻ تي گرفتار

ڪجهه ڏينهن اڳ ڪراچي ۾ سي ويو تي هڪ ناري سمنڊ ۾ ٽپو ڏئي آپگهات ڪري ڇڏيو هو

ڪراچي (رپورٽر) ڪراچيءَ جي علائقي سي ويو مان عورت ويٽرنري ڊاڪٽر سارا ملڪ جو لاش هٿ اچڻ واري ڪيس ۾ اهڃاڻ ٿي آهي. پوليس /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 25

سنڌ هاءِ ڪورٽ افغان ماڻهو جي سزا جي خلاف اپيل جي ٻڌڻي ڪئي

عدالت جوابدار يوسف جي اپيل منظور ڪري سزا کي ڪالعدم قرار ڏئي ڇڏيو آهي

جوابدار کي 2017ع ۾ سعودي عرب مان واپسي کان پوءِ گرفتار ڪيو ويو هو: ايف آءِ اي جو حڪام

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ هاءِ ڪورٽ افغان ماڻهو جي سزا جي خلاف اپيل جي ٻڌڻي ڪئي. عدالت جوابدار يوسف جي اپيل منظور ڪري سزا کي ڪالعدم /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 27

بولان ۾ ريلوي ٽريڪ تي ڌماڪو: ٻوگيون پٽڙي تان لهي ويون، 8 مسافر زخمي

ڪوئيٽا کان پشاور ويندڙ جعفر ايڪسپريس کي ڌماڪيدار مواد سان اڏائڻ جي ڪوشش ڪئي وئي: ڊپٽي ڪمشنر بولان آغا سميع الله

جنهن سبب انجڻ سميت اٺ ٻوگيون پٽڙي تان لهي ويون. ڊپٽي ڪمشنر بولان موجب شروعاتي ڄاڻ مطابق 8 ڄڻا زخمي ٿي پيا آهن.

ڌماڪي جي نتيجي ۾ ٽرين جي پٽڙي تان لهڻ کان پوءِ مڇ، سبي ريلوي ٽريڪ تي ٽرينن جي آمد رفت معطل ٿي وئي آهي

ڪوئيٽا (م ر) بلوچستان جي ضلعي بولان واري علائقي ٻنير ۾ ريلوي لائين تي ڌماڪي سبب ٽرين جون ٻوگيون پٽڙي تان لهي ويون جنهن جي نتيجي ۾ 8 ڄڻا زخمي ٿي پيا. پوليس موجب سبي، ٻنير جي علائقي ۾ ريلوي ٽريڪ تي ڌماڪو /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 21

بي رحم ماءُ پنهنجي عاشق سان گڏجي ڌيءَ کي هلندڙ ريل مان هيٺ اڇلائي ڇڏيو

عورت پنهنجي عاشق جي مدد سان ٽن ورهين جي ڌيءَ کي قتل ڪيو ۽ پوءِ ٻئي لاش بيڊ شيٽ ۾ ويڙهي سري گنگا نگر ريلوي اسٽيشن ڪٺي ويا

جتان اهي ٽرين تي چڙهيا ۽ عورت ڌيءَ جي مڙهه کي هلندڙ ريل مان هيٺ ڦٽو ڪري ڇڏيو. جوابدارن جي سڃاڻپ سنيتا ۽ سني عرف مالتا جي نالن سان ٿي آهي

ٻنهي کي گرفتار ڪيو ويو آهي ۽ انهن ڏوهه جو اعتراف پڻ ڪيو آهي. جوابدارن جو ارادو لاش کي ٿيلهه ۾ اڇلائڻ جو هو پر اهو ريلوي لائنز تي ڪِريو: پوليس

نئين دهلي (م ر) ڀارت ۾ هڪ پرڻيل عورت عاشق سان گڏجي پنهنجي ٽن ورهين جي ڌيءَ کي قتل ڪرڻ کانپوءِ هلندڙ ريل تان هيٺ اڇلائي ڇڏيو. اهو افسوسناڪ واقعو ڀارتي رياست راجستان جي شهر سري گنگا نگر ۾ پيش آيو. پوليس /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 24

شهباز شريف طرفان ڳالهين جي دعوت تي ڀارت جو جواب سامهون اچي ويو

نئين دهلي (م ر) وزيراعظم شهباز شريف طرفان ڀارت کي ڳالهين جي آڇ تي ڀارت جو جواب سامهون اچي ويو. ڀارتي پرڏيهي وزارت جي ترجمان ارندام باغچي پريس بريفنگ ۾ چيو ته ڀارت سدائين پاڪستان سان معمول جا پاڙيسري وارا لاڳاپا چاهي ٿو پر انهن لاڳاپن لاءِ سازگار ماحول هجڻ گهرجي. سازگار ماحول ۾ دهشت، دشمني يا تشدد نه هجي. واضح رهي ته وزيراعظم /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 26

ڪراچي: ايڪسپو سينٽر ۾ چيئرمين ڪمانڊر بلڊرز ڪمانڊر (ر) محمد ذاڪر سٽي پراپرٽي ايڪسپو جي افتتاحي تقريب کي خطاب ڪندي

رانيپور ۾ امن جو پڪي اڏامي ويو، آئي ڏينهن وارداتن ٽيڻ معمول بڻجي ويو

روهڙي ڪئنال تي هٿياربند غلام سرور سرڪي جي پٽ جانا سرڪي کان موٽر سائيڪل ڦري ويا

مزاحمت تي هڪ جڻو زخمي تي پيو، واقعي خلاف قومي شاهراه تي سرڪي برادري پاران احتجاج، ڌرڻو

اسان کي ٻن ڏينهن ۾ ٽيل ڏره واپس نه ٿيو ته ٻيهر ٻاب دستگير گيٽ اڳيان ڌرڻي جو سڏ ڏينداسين: مظاهرين

رانيپور: آئي ڏينهن وارداتن خلاف احتجاج ڪندي

نئون ڪوٽ ويجهو

پراسرار بيماري وڳهي

پنج مور مري ويا

نئون ڪوٽ (رپورٽر) ... پراسرار بيماري ... ڳوٺ ... کان مورن ... جاري /بقايا پوهو صفحه 3 نمبر 03

سرديءَ جي لهر ڪوهستاني ٽوڙي ساحلي پٽي ۾ تباهي مچائي ڇڏي

وڏي تعداد ۾ مرد، عورتن سميت معصوم ٻارڙا ٿڌ، زڪام، بخار، ڇاتي جي تڪليف ۾ مبتلا

سجاول ڏرين ڊاڪٽرن جون ٽيمون موڪلي بيمار ماڻهن جو علاج ڪرائڻ جي گهر ڪري ڇڏي

جاري /بقايا پوهو صفحه 3 نمبر 02

سرجاني ۾ پرسان پوليس مقابلو، 2 ڦورو مارجي ويا

علائقي واسين ۾ خوشي جي لهر، پوليس پارٽي جي حق ۾ نعريبازي

ڦورن وٽان 2 عدد پيسٽل 9 ايم ايم بمعه ايمونيشن هٿ ڪيا ويا

جاري /بقايا پوهو صفحه 3 نمبر 04

ڪراچي: پوليس مقابلي ۾ مارجي ويل 2 ڦورن جا لاش پيل آهن

وارهه ۾ استادن پاران 9 مهينن کان پگهارون نه ملڻ خلاف احتجاجي مظاهرو، نعريبازي

اعظم سوڏر، شمس الدين سومرو، عبدالحميد ٽونيو، شاهدان چانڊيو سمل چانڊيو ۽ ٻين استادن احتجاج ڪيو

بي اي سي ايس استادن جون پگهارون ناهن تي سگهيون، اسان جي گهرن ۾ فاقه ڪشي آهي: مظاهرين

معطلي جو نوٽيس وٺي، اسان جون پگهارون بحال ڪري اسان مان بيچيني ختم ڪئي وڃي: مطالبو

جاري /بقايا پوهو صفحه 3 نمبر 25

وارهه: پگهارون نه ملڻ خلاف استاد پاران احتجاج ڪيو ويو

بدين نيشنل پريس ڪلب جي

نئين عهديدارن کي مبارڪن جو

سلسلو جاري

بدين (رپورٽر) بدين نيشنل پريس ڪلب 2023 جي چونڊيل ... جاري /بقايا پوهو صفحه 3 نمبر 26

نئون دمبالو جي صحافي تي ڪوڙا ڪيس داخل ڪرڻ خلاف مظاهرو

بنا جواز گرفتار ڪري منشيات جا هٿرادو ڪوڙا ڪيس داخل ڪرڻ خلاف احتجاج ڪيو ويو

ايس ايچ او صحافين سان ملڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو قلم ڏٺڻ پاران واهر ڪرڻ جي اپيل

جاري /بقايا پوهو صفحه 3 نمبر 05

نوشهروفيروز ۾ ڪاليج روڊ تي حد خلين وڌائڻ تان جهيڙو، هڪ خمي

جهيڙي ۾ ليون لڳڻ سبب غلام مرتضيٰ مشوري سخت زخمي ٿي پيو، اسپتال داخل

نوٽيس وٺي جوابدارن کي گرفتار ڪيو وڃي ۽ حملي جو ڪيس داخل ڪيو وڃي: زخمي

جاري /بقايا پوهو صفحه 3 نمبر 06

مانجهند پرسان گاجي شاهه جي ميلي تان واپس موٽندڙ زائرين سان حادثو

زائرين جي ٽرڪ ڊائسن کي ڪراس ڪري رهي هئي ته ٽرڪ روڊ تان هيٺ لهي وئي

روڊ حادثي سبب 20 کان مٿي زائرين زخمي ٿي پيا، ڪين فور طور اسپتال آندو ويو

جاري /بقايا پوهو صفحه 3 نمبر 27

نئون ديرو ۾ شهري ايڪشن ڪاميٽي پاران امن امان بابت اجلاس

اجلاس ۾ سرتاج احمد شيخ، حافظ عبدالقدوس پنهور ۽ ٻين اڳواڻن جي شرڪت

راحيل عباس ڪلهوڙو، صاحب خان شيخ، مزاحمتي شاعر منظور منگي پڻ موجود هئا

جاري /بقايا پوهو صفحه 3 نمبر 08

نئون ديرو: شهري ايڪشن ڪاميٽي پاران امن امان بابت اجلاس منعقد ڪيو ويو

دادو جي وارڊ نمبر 5 تي پ

اميدوار قربان چانڊيو کي

پٽڪو ۽ اجرڪ اوڍايا ويا

جاري /بقايا پوهو صفحه 3 نمبر 07

نئون ڪوٽ پرسان معمولي ڳالهه تان ٻن ڌرين ۾ جهڳڙو، احتجاج

ڪمدار محمد بخش ٽنگڙي اچي اسانجي عورتن کان گاهه ڦري ڪئي وئي: مسمات نظيران

اسانجي گهر پرسان اچي فائرنگ ڪري اسان کي حراسان ڪيو آهي، انصاف ڏياريو وڃي

جاري /بقايا پوهو صفحه 3 نمبر 09

قمبر_ شهدادڪوٽ ۾ عوامي تحريڪ پاران جلسو منعقد

نوان صوبا ڪاميٽي جوڙي سنڌ دشمني وارو ڪم ڪيو ويو آهي: ڪامريڊ سرتاج

وقت جي سرڪار ڳاٽي ٽوڙ مهانگائي ڪري هيٺين طبقي جو جيئڻ حرام ڪيو آهي

جاري /بقايا پوهو صفحه 3 نمبر 28

وارهه: عوامي تحريڪ پاران شارٽ مارچ جو ڏيک

ڪراچي: گلشن سيد ٽيڻ

بستي ۾ ميڊيڪل سينٽر

قائم

جاري /بقايا پوهو صفحه 3 نمبر 29

دادو ۾ گاجي شاهه عرف گنج بخش جي ميلي جي آخري ڏينهن تمام پڄاڻي تي پهتي

ملڪ جي ڪنڊ ڪڙڇ مان هزارين پانڌيئڙن جي آمد قافلن جي صورت ۾ جاري رهي

رهائش ۽ پيئڻ جي صاف پاڻي، واش روم جي ڪا سهولت نه هجڻ جون دانهون

لکين پانڌيئڙا گاجي شاهه

مندي جو اظهار ڪرڻ لاءِ

زائرين

ميلي ۾ زائرين ۽ شائقين جي ٻسن

گاڏين ڪارن ٽريڪٽر ٽرالين موٽر

سائيڪل ذريعي آمد

جاري /بقايا پوهو صفحه 3 نمبر 12

جاري /بقايا پوهو صفحه 3 نمبر 13

بدين جي چيئرمين جي سيٽ حاصل ڪرڻ لاءِ ڪامياب اميدوارن لابنگ شروع ڪري ڇڏي

ضلع ڪائونسل جي سيٽ لاءِ اڳوڻي چيئرمين علي اصغر هاليپوٽو يا ان جو پٽ جام عبدالواحد هاليپوٽو مضبوط اميدوار آهن: ذريعا

علي اصغر هاليپوٽو جي فرزند عبدالواحد هاليپوٽو جي لنڊن ۽ آمريڪا ۾ تعليم حاصل ڪرڻ دوران بلاول ڀٽو سان ويجهڙائي رهي آهي

پ پ جي بنيادي ۽ پراڻي ڪارڪن پ پ بدين جي اطلاعات سيڪريٽري فدا حسين مينڌرو لاءِ لابنگ شروع ڪري ڇڏي آهي

جاري /بقايا پوهو صفحه 3 نمبر 10

نئون ديرو ۾ بدامني جي باهه خلاف ڦرجي ويل واپاري سميت شهرين پاران مظاهرو

ڦرجي واقعي خلاف مظاهرين ريلوي ڦاٽڪ باب ذوالفقار وٽ ٽائرن کي باهيون ڏئي روڊ بلاڪ ڪري ڇڏيو

شهر ۾ وري ڏاڙيلن وارو دؤر قائم ٿي چڪو آهي شهر ۾ بدامني تمام گهڻي وڌي چڪي آهي: مظاهرين

نوٽيس وٺي فالفور اسان کان ڦرليل پئسا واپس ڪرايا وڃن ۽ نئون ديرو شهر کي امن ڏنو وڃي: مطالبو

جاري /بقايا پوهو صفحه 3 نمبر 30

مليرپوليس ۽ اين جي اوز پاران "فارنڪ ڪرمنل انويسٽيگيشن، هوميسائيڊ" بابت تربيتي ورڪشاپ

اڳوڻي آءِ جي سندر نياز احمد صديقي ڌوهن ڳهرجن ۽ جديد ٽيڪنالاجي جي استعمال تي روشني وڌي

ورڪشاپ جي دوران پوليس سرجن ڪراچي ڊاڪٽر سامعه قتل ٿيل ڄڻي جي طبي معائني لاءِ سمورين ضرورتن کان آگاهه ڪيو

سيني تسمن جي موت کي ڊيڪڻ جي موت جي سبب ۽ مدت جو تعين ڪرڻ لاءِ فارنڪ طريقن تي زور ڏني تو: فوزيه طارق

ڪراچي: پوليس ۽ اين جي اوز پاران "بابت تربيتي ورڪشاپ منعقد ڪيو ويو

ڪراچي ۾ سنڌ نيشنل پارٽي جي

چيئرمين امير پنهور جي سالگره

تقريب

جاري /بقايا پوهو صفحه 3 نمبر 14

جاري /بقايا پوهو صفحه 3 نمبر 16

وارهه ۾ عوامي تحريڪ پاران رسول بخش پليجو جي 93 هين سالگرهه تقريب

رسول بخش پليجي جي سوچ سماج دوست هئي، جدوجهد ڪري تاريخ جو رخ موڙي ڏيکاريو: اڳواڻ

نئين وڏي شهر ۽ ڳوٺ ۾ ٻرجي جشن لطيف جا نرالا جلسا ڪرايا ۽ لطيف تي ليڪچر ڏنا

جاري /بقايا پوهو صفحه 3 نمبر 15

ٽنڊي باگي پرسان پراڻي پرائمري اسڪول جي عمارت زبون حال ٿي وئي

بنيادي سهولتن جي کوٽ سبب پليجو مهر جو ڳوٺ تيسائيڪيٽ جاري رڪندا: رهواسي

اسڪول ۾ سهولت نه هجڻ سبب ٻارن جي تعليمي مستقبل تي راهه سوالي رهي آهي، راهر ڪئي وڃي: مطالبو

جاري /بقايا پوهو صفحه 3 نمبر 17

ٽنڊو باگو: پراڻي پرائمري اسڪول جي عمارت جي مرمت نه ٿيڻ خلاف احتجاج ڪيو پيو وڃي

دڙو ۾ قبضن ۽ حد خلين جي آزار سبب شهري سخت پريشان، انتظاميه خاموش

شهر جي مک مين روڊ جي ٻنهي پاسن تي حد خلين، ريڙهن ۽ چنگچي رڪشائن سڄي شهر جو نقشو بگاڙي ڇڏيو

ايمرجنسي ۾ اسپتال ويندڙ مريض پريشان، قانون جي حڪمراني نه هجڻ سبب سمورا مک روڊ رستا حدخلين جي ور چڙهيل

اعليٰ عدالت جي حڪم تي فوري عمل ڪري سمورا ناجائز قبضا ۽ حدخلين هٽايون وڃن: سجاڳ ڌريون

جاري /بقايا پوهو صفحه 3 نمبر 31

نئون ديرو ۾ شهيد ذوالفقار پٽو

جي ٻهرين گهرواري جي ورسي

ملهائي وئي

دڙو: انتظاميه جي ناڪامي سبب ٿي حدخلين سبب ٽريفڪ جام ٿي پيو

نئون ديرو ۾ امن امان جي صورتحال کي بهتر ڪرڻ لاءِ اجلاس، عملدارن جي وڏي انگ ۾ شرڪت

چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري ۽ ايم پي اي فريال ٽالپر جي حڪم تحت شهر اندر 25 چوڪيدار مقرر ڪيا وڃن ٿا: اعجاز لغاري

انهن جي مقرري لاءِ سپاهي نئون ديرو هائوس ۽ چوڪيدارن جو مڪمل انٽرويو ڪري انهن کي شهر ۾ مقرر ڪيو ويندو

شهر جي مک چوڪن تي پڪيٽون ٺاهي قائم ڪيون وينديون، جن ۾ چوڪيدار سان گڏ 10 پوليس اهلڪار به ڊيوٽيون سرانجام ڏيندا

جاري /بقايا پوهو صفحه 3 نمبر 18

جهڏو ۾ تاريخدان رسول بخش پليجو جي سالگرهه تقريب

رسول بخش پليجو سنڌ تون دنيا جو اهو اڳواڻ هو: ايڊووڪيٽ اياز ڪلوڙي

سنڌ جون حالتون تمام خراب آهن بک ۽ بدحالي جو راڪاس ڪاهي ٻيو آهي

جاري /بقايا پوهو صفحه 3 نمبر 19

نوشهروفيروز ۾ ماڊرن انسٽيٽيوٽ آف سائنس ڪاليج ۾ وڪيلن جي مان ۾ آجياڻو

صدر ايڊووڪيٽ اياز مري ضلع جي اڳوڻي جنرل سيڪريٽري ايڊووڪيٽ امر امتياز ۽ ٻين جي شرڪت

پروگرام ۾ ضمير حسين وسطڙو پاران آيل مهمانن کي سنڌ جي ثقافت اجرڪ جا تحفا پيش ڪيا ويا

جاري /بقايا پوهو صفحه 3 نمبر 32

ڪنڊيارو ۾ ستين مردم شماري ۽ گهر شماري بابت ٽين ٽريننگ مرحلو شروع

حڪومت پاران جديد ٽيڪنالاجي جي دور کي مدنظر رکندي ٽيبليٽ ذريعي مردم شماري ڪرائي پئي وڃي: شوڪت علي جتوئي

ٽيبليٽ مشين ذريعي گهر گهر ٽيمون مردم شماري ۽ گهر شماري ۾ صاف ۽ شفاف نموني ڳڻپ ۽ معلومات درج ڪئي وينديون

ٽريننگ مڪمل ڪندڙ سپروائيزرن ۽ انيوميٽر حضرات کي ٽيبليٽ مشينون فراهم، مردم شماري پڄاڻي بعد واپس ورتيون وينديون

جاري /بقايا پوهو صفحه 3 نمبر 20

ڪنڊيارو: مردم شماري بابت ٽريننگ بابت آگاهي ڏني پئي وڃي

شڪارپور ۾ روحاني طلبه

جماعت جي نئين باڊي

جي چونڊ

جاري /بقايا پوهو صفحه 3 نمبر 21

ڊير سان پهچڻ، نه پهچڻ کان بهتر آهي: ڊي آءِ جي جاويد علي مهر

تيزرفتاري کان پاسو ڪيو ۽ احتياط سان ڊرائيو ڪيو ته حادثا گهٽجي ويندا، حادثو تيزرفتاري سبب موتمار ٿي ٿو

موٽرو پوليس پاران تيزرفتار گاڏين خلاف ڪاروائي، حادثا جون گهٽجي ويندا

جاري /بقايا پوهو صفحه 3 نمبر 22

ڪراچي ۾ مهانگائي ۽ قرض جي بحران مان نڪرڻ لاءِ احتجاجي ريلي

سماجي تحريڪن جي سهڪار سان عدم مساوات جي خاتمي لاءِ ريلي ڪڍي وئي

عام ماڻهن پاڪستاني زندهه رهڻ جي جدوجهد ۾ ڏيهڙي پيو آهي: مظاهرين

جاري /بقايا پوهو صفحه 3 نمبر 23

ڪراچي: مهانگائي ۽ قرض جي بحران مان نڪرڻ لاءِ احتجاجي ريلي ڪڍي وئي

ٽرانزٽ پوائنٽس تي پوليو ٽيمن سان پرپور تعاون ڪيو وڃي: ڊپٽي ڪمشنر ٺٽو

پوليو مهم دوران سمورا وسيلا ڪتب آڻيندي بهتر نتيجا حاصل ڪرڻ ۾ ڪابه ڪسر نه ڇڏيون: غضنفر علي قادري

ضلعي ۾ گهر گهر پوليو ٽيمن جي موجودگي کي يقيني بڻايو وڃي ته جيئن ڪو به ٻار پوليو جا ڦڙا پيئڻ کان رهجي نه وڃي

171 يونين ڪائونسلن ۾ 54 يونين ايريا انچارج ۽ 54 يو سي ايم او مقرر ڪيا ويا آهن ته جيئن مقرر هدف حاصل ڪري ڪامياب بڻائي سگهجي

جاري /بقايا پوهو صفحه 3 نمبر 33

ٺٽو: ڊپٽي ڪمشنر غضنفر علي قادري ۽ ٻين پاران پوليو بچاءُ مهم جي ريلي ڪڍي وئي

ٽنڊي باگي پرسان پراڻي

پرائمري اسڪول جي عمارت

زبون حال ٿي وئي

جاري /بقايا پوهو صفحه 3 نمبر 34

نوشهروفيروز ۾ يونائيٽيڊ ميمڻ جماعت ڪاهي ممڻ پاران مفت اکين جي ڪئمپ جو آغاز

اکين جي ماهر ڊاڪٽر سيد آصف شاهه ۽ سنڌس ٽيڪنيڪل ٽيم ڦيڪو مشين وسيلي مريضن جو آپريشن ڪيو

هر سال هي اکين جي ڪئمپ لڳندي آهي جنهن ۾ مريضن کي بهترين لينس لڳايا ويندا آهن: ڊاڪٽر آصف شاهه

اکين جي مرض ۾ مبتلا مريضن کي دوائن چشما ۽ طعام پڻ جماعت پاران مفت ۾ فراهم ڪيو ويندو آهي

جاري /بقايا پوهو صفحه 3 نمبر 24

ٽنڊي ۾ قانوندان ۽ عوامي تحريڪ جي باني رسول بخش پليجو جي سالگرهه، ڀيٽا پيش

هن آمريت ۽ انتهاپسندي خلاف، سنڌ جي پاڻي تي، ٿرن زمين تي قبضي ۽ ڌاري آبادڪاري خلاف زبردست جدوجهد جي اڳواڻي ڪئي: مقرر

سنڌ جي وجود، وسيلن ۽ زمينن کي قبضا گيرن کان بچائڻ لاءِ ٿيندڙ جدوجهد ۾ ڀرپور طبقي جي عورتن کي اڳتي اچڻ کان آگاهه ٿيڻ گهرجي

عوامي تحريڪ سنڌ جي وسيلن تي قبضا گيرن خلاف ۽ انتهاپسندي خلاف جدوجهد ڪري رهي آهي

جاري /بقايا پوهو صفحه 3 نمبر 35

*** روزاني سنڌيار سڪر پبلشر اي حسين، سم پرنٽنگ پريس بي آر ٽاور چندريگر روڊ ڪراچي مان ڇپرائي سڪر آفيس گهر نمبر سي 92، دهلي مسلم هائوسنگ سوسائٽي ايئرپورٽ روڊ سڪر مان پڌري ڪئي وئي ***

ايڊيٽر: اعجاز مهر
روزاني
سنڌيار
Daily SINDHYAR
www.dailysindhyar.com

ڇنڇر 21 جنوري 2023ع

عوامي مينڊيٽ جو احترام سياسي ڌرين جي ذميواري آهي

اسان جي بدقسمتي رهي آهي ته ڪڏهن به عوامي مينڊيٽ جو احترام نه ڪيو ويو آهي جنهن ڪري جمهوري روايتون سدائين ڪمزور رهيون آهن ۽ هار کي ڪو قبول ڪرڻ لاءِ تيار نه هوندو آهي.جنهن ڪري سدائين اليڪشن تڪراري بڻبيون آهن ۽ نظام پنهنجون پاڙون پختيون ڪري نه سگهندو آهي.اهي عام چونڊون هجن يا مڪاني چونڊون انهن ۾ شڪست کائيندڙ ڌر لاءِ وڏي ۾ وڏي هٿيار ڌانڌلين جو الزام آهي جيڪا هو کٽيندڙ ڌر خلاف استعمال ڪندي آهي جنهن کانپوءِ احتجاج شروع ٿيندا آهن.اسان وٽ اڪثر ڌريون جمهوريت جو مطلب پنهنجي جيت سمجهنديون آهن جڏهن ته سرڪاري ڌر وري چونڊن تي انتظامي مشينري ذريعي اثر انداز ٿيڻ جي به ڪوشش ڪندي رهندي آهي،پيلي ڪنهن به جماعت جي سرڪار هجي اها چاهيندي آهي ته پنهنجي فائدي لاءِ جيترو انتظاميا کي استعمال ڪري سگهجي ڪجي. اها ئي صورتحال سنڌ ۾ مڪاني ادارن جي ٻئي مرحلي جي چونڊن جي نتيجن ڪانپوءِ نظر اچي رهي آهي خاص ڪري ڪراچي جي چونڊ نتيجن ڪانپوءِ ته اتي جهيڙي وارو ماحول پيدا ٿي چڪو آهي،هڪڙيون ڌريون سرڪار ڌر تي ڌانڌلين جا الزام هڻي رهيون آهن ته ٻئي طرف سرڪاري ڌر انهن تي پيچ ڊاهڻ ۽ حملن جا الزام هڻي گرفتاريون ڪري رهي آهي جنهن ڪري اڃا تائين چونڊ نتيجن ڪانپوءِ به نظام جي جوڙجڪ وارو مرحلو ۾ رنڊڪ پئجي رهي آهي ۽ عوام جي مينڊيٽ جو احترام نه ٿو ڪيو وڃي جيڪو ئي هن نظام کي ڪمزور ڪري رهيو آهي.

مڪاني چونڊن جي ٻئي مرحلي جي اعلان ڪانپوءِ اها اميد ڪئي پئي وئي ته اهو خير خوبي سان ختم ٿي ويندو ۽ نظام جي جوڙ جڪ جلد ٿيندي ته جيئن عوام کي بنيادي سهولتون مهيا ڪرڻ وارو ڪم شروع ٿي سگهي. ٻين ضلعن ۾ ته ننڍين ننڍين شڪايتن باوجود سڄو عمل خير خوبي سان ٿي ويو پر ڪراچي جهڙي وڏي شهر ۾ اهي چونڊون تڪراري بڻجي رهيون آهن يا ڄاڻي واڻي تڪراري بڻايون پيون وڃن،ڇاڪاڻ ته ووٽنگ وارو عمل مڪمل ٿيڻ تائين سڀ ڌريون ڌري گهٽ انهي تي متفق هيون ته ڪا وڏي بي ضابطگي نه ٿي آهي پر جڏهن چونڊ ڳڻڻ لاءِ اڳوات اميد لڳائي ويٺل ڌرين يا ڪجهه اهڙين پارٽين کي انهن جي اميدن مطابق نتيجا نظر نه آيا ته پهرين ڌانڌلي جا الزام لڳايا ۽ پوءِ احتجاج جو سلسلو شروع ڪيو ويو جنهن ڪري انهي سڄي عمل آڏو رنڊڪ پئجي وئي آهي.اسان وٽ هر ماڻهو رڳو پنهنجي حق ۾ آيل فيصلي کي ئي جمهوريت سمجهي ٿو جڏهن ته مخالف جي مقبوليت کي مڃڻ يا انهن جي فتح کي تسليم ڪرڻ ڇڏڻ ته سکيا ئي ناهيون تنهن ڪري هر ڌر جڏهن شڪست کائيندي آهي ته ان وٽ اهو ڌانڌلي جو الزام پيوئي پيو آهي جنهن ڪري پاڪستان ۾ شايد ئي ڪا اهڙي اليڪشن ٿي هجي جيڪا انهي الزام کان پاڪ ٿي سگهي هجي.اسان جي سياسي پارٽين جوئي ڏوهه آهي جو اهي پنهنجي ٿوري مفاد لاءِ جمهوريت ۽ ووٽ واري عمل کي خوار خراب ڪن ٿيون جنهن ڪري انهي جو اهو احترام نه ٿو رهي،نه ته هار جيت انهي جمهوريت جو ئي حصو آهي ۽ شڪست تسليم ڪرڻ ئي جمهوريت کي مضبوط ڪرڻ جو سبب بڻبي آهي جنهن مان سکي اڳتي لاءِ سياسي ڌر يا ماڻهو پنهنجي ڪمزورين کي ختم ڪرڻ جي ڪوشش ڪندو آهي. جڏهن شڪست تسليم ئي نه ڪبي ۽ پنهنجي غلطين يا ڪمزورين جي نشاندهي نه ڪبي ته ڪڏهن به اهي سڌاري نه سگهبيون.

اسان سمجهون ٿا ته عوام جي مينڊيٽ جو احترام ڪرڻ گهرجي ۽ جيڪڏهن ڪٿي ڪا شڪايت آهي ته ان جي ازالي جو فورم اليڪشن ڪميشن ۽ عدالتون موجود آهن جتي پنهنجي شڪايت ڪري سگهجي ٿي. باقي آفيسن آڏو احتجاج ۽ انهن تي حملا ڪرڻ يا سياسي ڪارڪنن جو هڪٻئي جي آمهون سامهون ٿيڻ يا انهن جي گرفتارين سان ماحول خراب ٿيندو. تنهن ڪري ڌرين کي ويهي پاڻ ۾ ڳالهائڻ گهرجي جيئن عوام جي مينڊيٽ جو احترام ٿي سگهي، چو ته عوام جي ووٽ کي مڃتا ڏيارڻ سياسي ڌرين جو ئي ڪم ۽ ذميواري آهي.

يو اين جو فوجي مبصر گروپ: پاڪ ڀارت امن ڪوشش جو ثالث؟

ايس ايم رضوان

گڏيل قومن 1947ع ۾ ڀارت ۽ پاڪستان جي آزاديءَ کان وٺي ڪشمير جي علائقي ۾ امن امان برقرار رکڻ ۾ صلاحڪاري جو ڪردار ادا ڪيو آهي. جڏهن ڄمون ۽ ڪشمير جي مسئلي تي ٻنهي رياستن جي وچ ۾ تڪرار پيدا ٿيو. ڀارت اهو معاملو گڏيل قومن جي سلامتي ڪائونسل ۾ کڻي ويو. گڏيل قومن جي ڪميشن (UNCIP) کي ٻنهي ملڪن جي وچ ۾ مسئلن جي تحقيق ۽ ثالثي لاءِ قائم ڪيو. گڏيل قومن جو فوجي مبصر گروپ: پاڪستان ۽ ڀارت امن جي ڪوشش جا اهم ثالث آهن. گڏيل قومن جي سلامتي ڪائونسل جي ميمبرن جو نيويارڪ ۾ 16 آگسٽ 2019 تي ڪشمير جي حوالي اجلاس ٿيو. موجود مکيه اسٽيڪ هولڊرز مان هڪ هندستان آهي. جڏهن ته IIOJK ۾ پونڇ، راجپوري، سرينگر، نئين دهلي ، جمئو ۽ رابطا آفيسون گڏيل قومن جي فيلڊ اسٽيشنون آهن. پاڪستان ۾ گڏيل قومن جون فيلڊ اسٽيشنون اسڪردو، گلگت، ڊوميل، راولڪوٽ، ڪوٽلي ۽ ڀمبر ۾ واقع آهن. فيلڊ اسٽيشنون به سيالڪوٽ ۾ ورڪنگ بائونڊري سان گڏ آهن. گڏيل قومن جي فوجي مبصرن جو پهريون گروپ 24 جنوري 1948 تي IIOJK ۾ هندستان ڏانهن ويو. 1948ع ۾ جڏهن سلامتي ڪائونسل هڪ ٺهراءُ پاس ڪيو جيڪو ڪشمير ۾ پاڪستان ۽ هندستان جي وچ ۾ ڇڪتاڻ ڪانپوءِ زميني صورتحال تي غور ۽ ويچار لاءِ ڪميشن هو. 1949ع ۾ ڪراچي معاهدي تحت هڪ ٽيم ڪشمير جي تڪراري علائقي ڏانهن موڪلي وئي. ان سلسلي ۾ مشن جو سربراهه گڏيل قومن جي سيڪريٽري جنرل کي رپورٽ ڪري ٿو هيڊ آف مشن جي مقرري جو مدو ٻه سال هوندو آهي. جولاءِ 2018 ۾، انتونيو گوتريس، موجوده سيڪريٽري جنرل، يوراگوئين فوج جي ميجر جنرل جوز ايلاڊيو الڪين کي چيف فوجي مبصر مقرر ڪيو ۽ سويڊش ميجر جنرل گستاف لوڊن کي UNMOGIP مشن جو سربراهه مقرر ڪيو ويو. گڏيل قومن جي رپورٽ موجب مشن هن وقت 19 ملين آمريڪي ڊالر جي سالياني بجيٽ تي ڪم ڪري ٿو ياد رهي ته 1972ع جي شملا معاهدي کان پوءِ ڀارت ۽ پاڪستان ڪشمير تڪرار جي ٻه طرفي حل تي اتفاق ڪيو هو. ڀارت گڏيل قومن جي مبصرن کي اهم ڪردار ادا ڪرڻ کان روڪيو آهي. 2014 ۾ ڀارت UNMOGIP کي ڪشمير ۾ پنهنجو دفتر بند ڪرڻ لاءِ چيو آهي. جنهن کانپوءِ 2017ع ۾ ڀارتي پرڏيهي وزارت هڪ بيان ۾ چيو هو ته ان وٽ صورتحال جي نگراني ڪرڻ جو ڪو به مينڊيٽ ناهي. جڏهن ته گڏيل قومن جو مشن ڪشمير تڪرار ۾ ڪنهن به ڌر جي مداخلت سان ڪم ڪري رهيو آهي ڇاڪاڻ ته مشن کي صرف گڏيل قومن جي سيڪريٽري جنرل جي صوابديد تي ختم ڪري سگهجي ٿو. جيڪي بار بار هندستان ۽ پاڪستان ٻنهي کي ياد ڏياريندا رهيا آهن ته ڪشمير تڪرار جي حتمي حل لاءِ گڏيل قومن جي چارٽر تي عمل ڪن. گڏيل قومن کي لائين آف ڪنٽرول (ايل او سي) تي ٿيندڙ سيڪيورٽي پيش رفتن کان آگاهه ڪري ٿو. گذريل سال پڻ پاڪستان باقاعده طور تي ڀارتي فوج طرفان لائن آف ڪنٽرول جي مبينه خلاف ورزي تي ڊوزيئر حوالي ڪيو. پاڪستان والاريل ڪشمير ۾ انساني حقن جي ڀڃڪڙين کي تحفظ ڏيڻ لاءِ گڏيل قومن جي ٺهرائن تي زور ڏئي رهيو آهي. ڪشمير جي مسئلي تي گڏيل قومن جي اهميت آهي. ڪشميري عوام به گڏيل قومن کي هڪ قسم جو ثالث سمجهي ٿو ڇاڪاڻ ته گڏيل قومن جو واحد عالمي فورم رهيو آهي جنهن جون ڪشمير تڪرار تي ڪيترين ئي قراردادون آهن. حريت اڳواڻن پاران گڏيل قومن جو چالوڪا نعرو گذريل ڪيترن سالن کان مزاحمتي مهم جي حصي طور باقاعدگي سان سامهون آيو آهي. ڀارت 2014ع ۾ ڪشمير بابت گڏيل قومن جي فوجي مبصر گروپ کي نئين دهلي ۾ حڪومت طرفان فراهم ڪيل آفيس خالي ڪرڻ جو چيو هو هندستان وارا ڪافي عرصي کان ان مشن جي خلاف سخت موقف اختيار ڪري رهيا آهن. هندستاني حڪومت هندستان ۽ پاڪستان تي گڏيل قومن جي فوجي مبصرن جي گروپ (UNMOGIP) کي چيو آهي ته پنهنجا رابطا دفتر هندستاني حڪومت جي حوالي ڪن. گڏيل قومن جون آفيسون هندستان جي گاديءَ واري هنڌ سرينگر ۾ قائم آهن. ان ۾ UNMogip به شامل آهي. جيڪو 1949ع ۾ ٻنهي ملڪن وچ ۾ پهرين جنگ کان پوءِ ڪراچي معاهدي تحت قائم ٿيو هو. گڏيل قومن جي سلامتي ڪائونسل جي قراردادن ۾ ڄمون ۽ ڪشمير کي تڪراري علائقو تسليم ڪيو ويو آهي، جيستائين ڄمون ۽ ڪشمير جي عوام جي مرضي جو تعين گڏيل قومن طرفان ريفرنڊم ذريعي نه ڪيو وڃي. پاڪستان ريفرنڊم جي قرارداد تي عملدرآمد جو پنهنجو مطالبو برقرار رکيو آهي. جنهن موجب گڏيل قومن ۾ ملڪ جي مستقل نمائندي مسعود خان ڀارت طرفان ان کي برقرار رکيو آهي. هندستان جو چوڻ آهي ته 1972 ۾ شملا معاهدي تي هندستان ۽ پاڪستان جي دستخط ٿيڻ کانپوءِ گڏيل قومن جو ڪردار گهٽ رهيو جنهن تحت ٻنهي ملڪن ڪشمير سميت سمورن تڪرارن کي ٻه طرفي حل ڪرڻ تي اتفاق ڪيو. ڀارتي آفيس جي انچارج ميجر نڪولس ڊياز جو چوڻ هو ته آفيس خالي ڪرڻ جو ڪو سبب ناهي ٻڌايو ويو. مبصر گروپ گڏيل قومن جي مينڊيٽ جي مطابق ڪم ڪندو رهندو ۽ متبادل رهائش جي تلاش ۾ آهي. پاڪستان ڪشمير ۾ جنگبندي جي ڀڃڪڙين جي حوالي سان يو اين موگپ کي شڪايتون داخل ڪرڻ جو سلسلو جاري رکيو آهي. ڀارت جنوري 1972ع کان لائين آف ڪنٽرول جي ڀارتي پاسي گڏيل قومن جي مبصرن جي سرگرمين تي پابندي لڳائي ڇڏي آهي. پهرين جنوري 1948ع تي ڀارت گڏيل قومن جي سلامتي ڪائونسل ۾ ڪشمير مسئلي جي حل جو مطالبو ڪيو. گڏيل قومن جي ڪميشن آن انڊيا اينڊ پاڪستان (UNCIP) جي قيام کان پوءِ 21 اپريل 1948ع تي گڏيل قومن جي سلامتي ڪائونسل قرارداد نمبر 47 پاس ڪئي. 1948ع ۽ 1949ع جي وچ ۾، UNCIP برصغير ۾ اهڙو حل ڳولڻ جي ڪوشش ڪئي جيڪا هندستان ۽ پاڪستان ٻنهي لاءِ قابل قبول هجي❊

❊❊❊❊❊❊❊❊

رهي اَڇجي راتڙِي، تن واڍوڙِين وَٽاءِ؛
جن کي سورُ سريرَ ۾، گهڻ مَنجهاران گهاءِ؛
لِڪائي لوڪاءَ، پاڙهين پَڌنِ پَٽيُون.

تنين جي چوٽي پورب ٿيندي پڌري!

عاطف ملاح

اڄ 20 جنوري 2023ع سنڌ جي عظيم انقلابي اڳواڻ، پاڪستان جي مظلوم قومن جي حقن جي علمبردار، سڄي جمار آمريتن کي لڪاريندڙ، تيز ذهن، ڏاهي، مفڪر ۽ عوامي تحريڪ، سنڌياڻي تحريڪ جي باني محترم رسول بخش پليجي صاحب جي 93هين سالگرهه جو ڏينهن آهي. پليجو صاحب سنڌ، پاڪستان سميت دنيا جي انهن عظيم، ڏاهن ۽ مفڪرن مان هڪ هو جن جي شخصيت، جدوجهد، ڪارناما ڪنهن هڪ مخصوص فيلڊ يا مضمون تائين محدود ناهن. رسول بخش پليجو صاحب جڏهن پنهنجي شوخ قلم ۽ دشمنن لاءِ زهر قاتل مثل لکڻ جي انداز ۾ "انڌا اونڌا ويڄ" لکي ٿو ته هو جهڙوڪ دنيا جو وڏو تنقيدي مفڪر هجي حالانڪ پليجي صاحب جي گهڻ رخي شخصيت ۾ سنڌس ادب پاسي اهو ڪم صرف هڪ پهلو آهي ته پليجي صاحب دنيا جي علم، ڏاهپ ۾ جيڪي تخليقون ڪيون جيڪي واڌارا ڪيا سي ته هڪ وڏي وشال ۽ گهري سمنڊ جيان آهن جنهن کي پار پوڻ ته الڳ ڳالهه پر ان جون جهلڪيون ئي پسي سگهجن ٿيون جيڪي ڪڏهن "انڌا اونڌا ويڄ" جي روپ ۾ آهن ته ڪڏهن ادب جي نالي ۾ مايوسي، نراسائي، رجعت پسندي ڦهلائيندڙن کي "سنڌي ذات هنجن" جي نالي ۾ قطعي ۽ اهڙو جواب آهن جو مخالف پليجي صاحب جي لکڻ ڪانپوءِ ٻيهر جوابي ليک لکڻ جي ست نه ساري سگهيا. پليجي صاحب پنهنجي ڪنهن انٽرويو ۾ چيو هو ته لکڻ جي معاملي ۾ مان ڏاڍو سست آهيان. ماڻهن کي لکندو ڏسندو آهيان. غلط ڳالهيون لکندي ڏسندو آهيان پر سستي سبب ڪين جواب ڏئي نه سگهندو آهيان پر منهنجو مزاج اهڙو آهي جو اگر ڪو نه مڙيو ته پوءِ آخر ۾ اهڙو لکندس جو وري اڳيان لکندڙ کي جوابي ليک جي همت نه ٿي سگهندي. (پڙهو رسول بخش پليجي جا انٽرويو ٻيڪاڪ پبلشرس) پليجي صاحب جون لکڻيون بلڪل اهڙيون ئي هيون: دليلن جي اپڊي وسعت، لکڻ ۾ ايڊو رس ۽ چس، گهرائي سان مطالعي جي خوشبو شاعري، قولن سان ۽ دنيا جهان جي ادب، فلسفي، علم جي مهڪ سان مهڪيل پليجي صاحب جون لکڻيون. تنقيدي ڪتاب، مقالا اهڙي ته تکي انداز ۾ هوندا جو مخالف ٻيهر لکڻ لاءِ هٿوراڙيون پيا هڻندا. پليجي صاحب جي هڪ ٻي وڏي خوبي جيڪا پليجي صاحب جي وسيع، گهري ۽ تمام گهري مطالعي جي نشاني هئي جو پليجي صاحب ماڻهن کي اکرن، اصطلاحن ۾ ڪو نه ڦاسايو.

"اکران دي رج جوئي اڙيا،
عشق دي چاڙهي مور نه چڙهيا." (سچل)

پليجو صاحب ڇاڪاڻ ته بنيادي طور پورهيت دوست مفڪر ۽ سياستدان هو ان ڪري هُن جو گهڻو واسطو به سنڌ جي ٻهراڙين، ڳوٺن جي غريب مسڪين ماڻهن سان هو ان ڪري ئي پليجي صاحب پنهنجي لکڻ جي انداز ۽ ٻولي کي ايڏو ته سادو رکيو جو ٻهراڙي جو اڻ پڙهيل ڳوٺاڻو به ڳالهه سمجهي وڃي. پليجي صاحب ماڻهن جي ٻولي ۾ ۽ انهن جي سمجهه ۾ ايندڙ سنڌن ئي روزمره جي شين سان لاڳاپيل مامرن کي پنهنجي لکڻ ۾ آڻي سنڌ جي وسيع عوام جيڪا ٻهراڙين ۾ رهي ٿي ان کي لينن، مارڪس ۽ مائو سان روشناس ڪرايو "صبح ٿيندو" ڪتاب پليجي صاحب جو بنيادي طور تي جدلياتي سائنس جي روشني ۾ سنڌي سماج جو جائزو آهي. ان ۾ سنڌ جي سياست جا نوان بنياد آهن سنڌ جي سياست ۾ وڏو انقلاب آهي. انقلابي تاريخ ۽ سائنس ۾ وڏو واڌارو آهي پر ان ڪتاب اندر ڪٿي به پليجي صاحب هر ٻيرو جدلياتي ماديت يا تاريخي ماديت جي اصطلاحن جو استعمال ڪو نه ڪيو آهي ڳالهه سڄي سائنسي آهي ڳالهه سڄي تضادن جي سائنس جي آهي پر پليجي صاحب ان کي "فطرت جي قانونن" يا ٻين اهڙن آسان ۽ سمجهه ۾ ايندڙ اصطلاحن سان سمجهايو آهي جو فلسفي جي اصطلاحن ۾ ڦاسڻ بدران ماڻهو ڳالهه جي ڳر کي سمجهي وڃي ته: واقعي اسان سان جو ظلم، جو ڏاڍ جا ناانصافي آهي سا نه ترجي وڏيري ۽ چڱي مڙس جي ڪري آهي ۽ اڳيان ٻين ڪرسين تي ويٺل صاحب اختيار به ان جي اشاري تي نچندڙ آهن. پليجي صاحب جو اهو وڏو ڪارنامو آهي جو اڄ به سندس پارٽي عوامي تحريڪ جي اڳواڻي پورهيت طبقي وٽ آهي ۽ سنڌياڻي تحريڪ جيڪا عورتن جي دنيا سطح تي مڃيل انقلابي تنظيم آهي ان جي اڳواڻي به پورهيت عورتن وٽ آهي ته ان ۾ گهڻائي به سنڌ جي ڳوٺن سان واسطو رکندڙ عورتن جي آهي. پليجي صاحب جي علمي، عملي ڪارنامن تي ڇا لکجي؟

"پريم تنهنجا پار ڪهڙا ڇٽي کهڙا چوان" (شاهه)
"هي جي آيا هير سي مون اڳ نه ڏٺا ڪڏهين" (شاهه)
"مون سي ڏٺا ماڻ جنين ڏٺو پرين کي،
تنين سنڌي ڪا، ڪري نه سگهان ڳالهڙي." (شاهه)

پليجو صاحب لطيف جو پارکو هو، سنڌ جي مظلوم عوام جو پرچهلو هو، داناءُ هو، ڏاهو هو، وطن دوست هو

"ساميڙا سمنڊ ۾، تنبي جيئن ترن،
اڇن واڳو وات، ڪسن ڪڇن ڪين ڪي." (شاهه)

هو سنڌ جو سچ پچ يگانو ڪردار هو اسان جو استاد هو رهبر هو قائد هو سندس سالگرهه تي ڪيس پيتا اها ئي ٿيندي جو اسين سندس وات، فڪر، نظريي تي عمل ڪندي نئين سنڌ جا بنياد وجهون. جنهن سنڌ جا خواب پليجي صاحب ڏٺا نه فقط خواب پر هُن عملي ڪم به ڪيو ته اسان به سندس وات تي آخري دم تائين هلون ۽ هن جي رهبري هيٺ سنڌ، ملڪ سميت دنيا جي مظلومن جا ساٿاري بڻجون.

"ڪيچي ڪاچوٽي نانگن ٻڌي نينهن جي
جهڙا آيا جڳ ۾، تهڙا ويا موٽي،
تنين جي چوٽي، پورب ٿيندي پڌري" (شاهه سائين)

بقايا ❊❊❊ 01

جي ڳونج صدين تائين ٻڌي ويندي. سندس چوڻ هو اسحاق ڊار بابت رڳو ايترو چوندس ته هو سڄي تباهي جو ذميوار آهي. ن ليگ جي اندر ڏٽيڙ جي حوالي سان سنجيده آواز ٻڌي رهيا آهيون. ن ليگ جي موروثي سياست خلاف پهريون آواز چوڌري نثار اٿاريو نواز شريف قطعي سياستدان ناهي.

بقايا ❊❊❊ 02

ٿيو آهي. ڊپٽي ڪمشنر بولان آغا سميع الله موجب ڪوئيٽا کان پشاور ويندڙ جعفر ايڪسپريس کي ڌماڪيدار مواد سان اڏائڻ جي ڪوشش ڪئي وئي جنهن سبب انجڻ سميت اٺ بوگيون پٽڙي تان لهي ويون. ڊپٽي ڪمشنر بولان موجب شروعاتي ڄاڻ مطابق 8 ڄڻا زخمي ٿي پيا آهن. جابلو علائقي هجڻ سبب ريسڪيو ٽيمن کي پريشانين کي منهن ڏيڻو پئجي رهيو آهي. واقعي جي اطلاع ملندي ئي سيڪيورٽي فورسز ۽ ريسڪيو ٽيمون واقعي واري هنڌ روانيون ٿي ويون آهن. ريلوي اختيارين موجب ڌماڪي جي نتيجي ۾ ٽرين جي پٽڙي تان لهڻ کان پوءِ مڃ، سڀني ريلوي ٽريڪ تي ٽرينن جي آمد رفت معطل ٿي وئي آهي. ضلعي جي سمورين اسپتالن ۾ هنگامي حالتون لاڳو ڪري ڊاڪٽرن ۽ پيرا ميڊيڪل عملي کي الرٽ ڪيو ويو آهي. هوڏانهن بلوچستان جي وڏي وزير عبدالقدوس بزنجو جعفر ايڪسپريس کي دهشتگردي جو نشانو بنائڻ واري واقعي جي مذمت ڪندي مسافرن جي زخمي ٿيڻ تي ڏک جو اظهار ڪيو هن ڊپٽي ڪمشنر ڪڇ ۽ سبي کي فوري طور تي امدادي سرگرميون تيز ڪرڻ ۽ زخمين کي اسپتالن ۾ علاج جون بهترين سهوليتون ڏيڻ جي هدايت ڪئي آهي.

بقايا ❊❊❊ 03

ڪندي چيو ته يوڪرين روس معاملي تي پاڪستان پنهنجي موقف تي قائم آهي. پاڪستان هن تڪرار جي حل جو خواهشمند آهي. چو ته روس ۽ يوڪرين جنگ سبب دنيا تي منفي اثر پيا آهن روس ۽ يوڪرين جنگ سان انساني بحران جنم ورتو هن چيو ته روس ۽ يوڪرين جنگ سان هزارين ماڻهو عارضي طور تي بي گهر ٿيا. هن جنگ سان خطي ۾ امن کي نقصان پهتو پاڪستان پاڻ خطي ۾ امن جي قيام لاءِ ڪردار ادا ڪري رهيو آهي. پاڪستان جو دهشتگردي خلاف جنگ ۾ ڪردار چٽو آهي ۽ پاڪستان جو موقف آهي ته جنگين سان غربت ۽ بيروزگاري کان سواءِ ٻيو ڪجهه به ناهي ملندو پرڏيهي وزير چيو ته روس يوڪرين جنگ سبب گيس جي قيمتن ۾ اضافو ٿيو پاڪستان جي خواهش آهي ته يوڪرين ۽ روس ڳالهين سان معاملي کي حل ڪن ۽ ٻنهي ملڪن وچ ۾ تڪرار يو اين قرارداد موجب حل ٿيڻ گهرجي. بلاول چيو ته 2022 ۾ افغان طالبان سان ڳالهيون ڪيون ويون. ڪشميري به دنيا طرف ڏسي رهيا آهن. هن چيو ته پاڪستان موسمياتي تبديلين سميت ٻين چيلنجز کي منهن ڏنو آهي ۽ ترقي يافته ملڪ به اڪيلي سر اهڙن چيلنجز کي منهن نٿا ڏئي سگهن. مسئلن جي حل لاءِ دنيا کي گڏيل تعاون جي ضرورت آهي. ٽئين دنيا جون معيشتون هن وقت ڊپاءُ جو شڪار آهن. جنهن وقت عالمي ادارا ناهيا ويا آن وقت دنيا مختلف هئي. گلوبل وارمنگ سبب پاڪستان سڀني کان وڌيڪ متاثر ٿيو. نيو ورلڊ آرڊر سبب ترقي يافته ملڪ پريشانين جو شڪار آهن. ايشيا خاص طور تي ترقي يافته ملڪن کي گڏ ڪٽي هلڻ جي ضرورت آهي.

بقايا ❊❊❊ 04

جي پڙائي جاري ڪئي وئي آهي. پڙائيءَ موجب ملاقات ۾ واپار، سيڙپڪاري، اقتصادي معاملن تي سهڪار ۾ پاڪ – روس دلچسپي تي اطمينان جو اظهار ڪيو ويو. پڙائيءَ ۾ چيو ويو آهي ته ملاقات ۾ اقتصادي ۽ واپاري لاڳاپن کي هٿي ڏيڻ لاءِ انرجي سيڪٽر جي اهميت تي اتفاق ڪيو ويو ۽ روس طرفان پاڪستان کي ڊگهي مدي جي بنياد تي تيل ۽ گئس جي فراهمي تي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي. ملاقات دوران گئس پائپ لائين بابت معاملن تي به ڳالهيون ڪيون ويون. پڙائيءَ موجب روسي وزير، وزيراعظم شهباز شريف کي صدر ولاديمير پيوٽن جو خاص پيغام پهچايو. روسي صدر پيغام ۾ پاڪستان کي ڏکڻ ايشيا ۾ اهم روسي پائيدار قرار ڏنو روسي صدر پاڪستاني وزيراعظم لاءِ پنهنجي پيغام ۾ ٻه طرفن لاڳاپن کي وڌيڪ مضبوط ڪرڻ جي دلچسپي جي عزم جو اظهار ڪيو.

بقايا ❊❊❊ 05

آهي. اپٽاما پنجاب زون جي چيئرمين حامد زمان پريس ڪانفرنس ڪندي چيو ته ملڪ کي فائدو درآمد نه پر لگزري امپورٽ بند ڪرڻ سان ٿيندو آهي. حامد زمان وڌيڪ چيو ته جيڪڏهن خام مال ۽ مشينري نه هوندي ته ڪم ڪيئن ٿيندو. جيڪڏهن درآمد بند ٿي ته ٽيڪسٽائيل انڊسٽري بند ٿي ويندي ۽ لکين خاندان تباهه ٿي ويندا.

بقايا ❊❊❊ 06

ڪمشنرن کي هدايتون جاري ڪيون آهن ته مهانگائي ڪنٽرول ڪرڻ لاءِ سمورا قدم کنيا وڃن، دڪانن تي اگهن جي فهرست لڳائي وڃي.

بقايا ❊❊❊ 07

مخالف ڌر جو رويو غلط آهي. نگران وڏو وزير سنجيده ناهي، اپوزيشن هڪ پيرو ٻيهر نگران وڏي وزير جي نامزدگي کي تڪراري بڻائي ڇڏيو آهي، سمجهه کان ٻاهر ۽ سياسي ناپختگي جي مترادف آهي. نگران وڏي وزير لاءِ بهترين ماڻهن جا نالا ڪليا آهن. هن چيو ته قوم ڏسي رهي آهي ته ڪير آهي؟ نگران وڏي وزير جي معاملي تي اسان جي ڪميٽي جا ميمبر راجا بشارت، اسلم اقبال ۽ هاشم جوان بخش سنجيده ڳالهيون چاهين ٿا. پنجاب جي وڏي وزير جو چوڻ آهي ته افسوس جي ڳالهه آهي ته مخالف ڌر اسان جي سٺي رويي باوجود ناڪاري رويو اختيار ڪيو آهي. نگران وڏو وزير آيو جنهن نگران حڪومت جا معاملا صاف ۽ شفاف طريقي سان هلائي آهي.

بقايا ❊❊❊ 08

لاهور سپر مارڪيٽ محمد عمران سليم عدالت ۾ پيش ٿيو سيڪريٽري جنرل چيو ته عدالت کي درخواست ڪريان ٿو ته تاحيات رات 10 وڳي مارڪيٽون بند ڪرڻ جو حڪم جاري ڪري اسان سڀني دڪاندارن ان تي اتفاق ڪري ورتو آهي. عدالت طرفان ريمارڪس ڏنا ويا ته اسان کي خوشي ٿي اوهان جا لفظ ٻڌي، اسان کي پنهنجي زندگي گذارڻ جو طريقو تبديل ڪرڻو پوندو. لاهور ۾ ٿيندڙ شادين ۾ ون ڊش جي ڀڃڪڙي تي به غور ڪيو پيو وڃي. عدالت سي سي پي او لاهور ۽ ڊپٽي ڪمشنر سميت ٻين آفيسرن کي فوري طور تي حڪم تي عمل ڪرائڻ جون هدايتون جاري ڪري ڇڏيون. عدالتي حڪم ۾ رات 10 وڳي کان پوءِ لاهور ۾ شادي جون تقريبون روڪڻ جو به اشارو ڏنو ويو

بقايا ❊❊❊ 09

ڊاڪٽر عافيه جي درخواستگذار ڀيڻ فوزيه صديقي پنهنجي وڪيل سميت عدالت ۾ پيش ٿي. ٻڌڻي دوران عدالت ايڊيشنل اٽارني جنرل کان پڇائو ڪيو ته ڇا ڪا اڳڀرائي ٿي آهي، جنهن تي ايڊيشنل اٽارني جنرل منور اقبال چيو ته اسان جي آفيسرن وقتي آمريڪي سفير سان ملاقات ڪئي آهي.ان تي جسٽس سردار اعجاز پڇائو ڪيو ته ڇا ڪافي ۽ ڪيڪ ملاقات ٿي آهي. ان جو مطلب آهي ته نه پرڏيهي سيڪريٽري ۽ نه ئي پرڏيهي وزير کي عدالتي حڪم جي خبر آهي، انهن کي خبر ناهي ته ان ملاقات ۾ ڇا ٿيو؟ ستين اپريل ٻڌڻي آهي، حڪومت ان حوالي سان ڪجهه به ڪرڻ نٿي چاهي، اسان جو به دائرو آهي، اسان صرف ان جي حدن ۾ رهي سگهون ٿا.ايڊيشنل اٽارني جنرل عدالت کي ٻڌايو ته عافيه صديقي جي آزاديءَ جو معاملو سفارتي سطح تي اٿاريو ويو آهي، هوءَ اسان جي شهري آهي ۽ حڪومت ان جي جيڪا به مدد ڪري سگهي ٿي ڪري، ان دوران فوزيه صديقي جي وڪيل موقف اختيار ڪيو ته لڳي ٿو حڪومت ان معاملي ۾ بيوس آهي، عافيه صديقي لاءِ آمريڪا ۾ هڪ ٻيو وڪيل ڳولهيو آهي.بعد ۾ عدالت پرڏيهي وزارت جي آفيسرن کي هدايت ڪئي ته هو ايندڙ هفتي فوزيه صديقي سان ملاقات ڪري قانوني معاملن تي سهڪار ڪن. جڏهن ته ڪيس جي وڌيڪ ٻڌڻي 17 مارچ تائين ملتوي ڪري ڇڏي.

بقايا ❊❊❊ 10

آپگهاتي ڌماڪو ڪيو. حملي جي نتيجي ۾ پوليس چيڪ پوسٽ ۾ باهه لڳي وئي، پوليس ۽ دهشتگردن ۾ مقابلو به ٿيو، دهشتگرد حملي کانپوءِ پاڪ – افغان شاهراهه تي اڄ وچ بند ٿي وئي ۽ پوليس جي وڏي نفري چيڪ پوسٽ ڏانهن روانا ڪئي وئي. دهشتگردن جي حملي ۾ هڪ پوليس اهلڪار شهيد ۽ ٻه زخمي ٿيا. جن کي حيات آباد ميڊيڪل ڪامپليڪس پشاور نيو پٺي ويو ته ٻنهي زخمين به دم ڏئي ڇڏيو پوليس جو چوڻ آهي ته شهيد ٿيندڙن ۾ ٻه پوليس اهلڪار ۽ هڪ چيڪ پوسٽ جو باورچي شامل آهن.

بقايا ❊❊❊ 11

ڪيس داخل ڪيو وڃي.عدالت ايس ايڇ او شاهه لطيف کي گم ٿيل شهري مير علي حيدر جي گمشدگي جو ڪيس داخل ڪري جاچ جو حڪم ڏئي ڇڏيو.سنڌ هاءِ ڪورٽ گم ٿيل شهري حيدر علي جي فوري بازيابي جو حڪم ڏئي ڇڏيو. جڏهن ته درخواستگذار جي وڪيل چيو ته گم ٿيل شهري منظور احمد وطن واپس پهچي ويو آهي.درخواستگذار جي وڪيل چيو ته منظور احمد تي گمشدگي دوران ڪيس داخل ڪيا ويا. عدالت اسٽيل ٽائون مان گم ٿيل شهري منظور احمد جي گمشدگي واري درخواست اڪلائي ڇڏي.

بقايا ❊❊❊ 12

۾ پي ٽي آءِ جو وفد اسپيڪر قومي اسيمبلي جي چيمبر ۾ پهتو ۾ قومي اسيمبلي جو اسپيڪر راجا پرويز اشرف چيمبر ۾ موجود نه هو اهڙن خيالن جو اظهار پي ٽي آءِ اڳواڻن پارليامينٽ هائوس ٻاهران ميڊيا سان ڳالهائيندي ڪيو.اسد قيصر چيو ته قومي اسيمبلي جي اسپيڪر اسان کي اسيمبليءَ ۾ گهرايو هو.هن چيو ته مان اهڙيون استعيفائون قبول نه ٿو ڪري سگهان، ڇا جن جون استعيفائون قبول ڪيون ويون هيون انهن کي اسپيڪر سڏايو هو؟ اسد قيصر جو چوڻ آهي ته اهو غير قانوني آهي، جمهوريت جي نالي تي مذاق آهي، اسان چاهيون ٿا ته اسان جا ايم اين اي اسيمبلي ۾ وڃن.فواد چوڌري چيو ته اسان مجبور، لاچار پارليامينٽ جي سامهون بيٺا آهيون. اسپيڪر چوندو هو ته 17 کان 18 ماڻهو رابطي ۾ آهن. مان ڪائنس پڇان ٿو ته اهي 17 کان 18 ماڻهو ڪٿي آهن؟ هن چيو ته پاڪستان اڄ وڏي سياسي ۽ معاشي بحران جو شڪار آهي. خدشو آهي ته اسان سريلنڪا جهڙي صورتحال ڏانهن وڃي رهيا آهيون.هنن چيو ته هاڻ جيڪا حڪومت آهي اها رڳو 36 سيٽن نمائندن جي آهي. بند ڪمرن جا فيصلا ڪيا پيا وڃن. جنهن سبب عوام بحران جي منهن ڏئي رهيو آهي. اسان جي 81 ايم اين ايز جون استعيفائون منظور ڪيون ويون آهن. اسان کي عام چونڊن جي تاريخ ڏني وڃي.ان موقعي تي اسد عمر چيو ته ملڪ هر گذرندڙ ڏينهن سان تباهي جي دلدل ۾ ڌڪجي رهيو آهي.شاهه محمود قريشي چيو ته اڄ اسپيڪر پنهنجي عمل سان ثابت ڪري ڇڏيو آهي ته هو ايوان جو نگران ناهي، منهنجي خط جي جواب ۾ اسپيڪر چيو ته هو اجتماعي استعيفائون قبول نٿا ڪري سگهن.هن چيو ته اسان اجلاس ۾ شرڪت جو فيصلو ڪيو، انهن اجلاس ملتوي ڪيو. اسان اسيمبلي ۾ اچڻ جو فيصلو ڪيو. وڌيڪ 35 ميمبرن جون استعيفائون منظور ڪيون ويون. پي ٽي آءِ اڳواڻ چيو ته اسان باقي ميمبرن کي اسيمبلي ۾ آندو. توهان اسان جي 81 ميمبرن کي ڊي نوٽيفڪيشن ڪيو. باقي اسان انهن کي به منظور ڪرائڻ لاءِ آندو.شاهه محمود قريشي چيو ته جيستائين سنڌن ڪيس آهن تيستائين هو اسيمبلي کي ڏگها ڪندا.هن چيو ته اسان چاهيون ٿا ته ٽيون چونڊون ٿيون. اسان چاهيون ٿا ته عوام فيصلو ڪري، هو معيشت کي مستحڪم نه ڪري سگهيا، دهشتگردي ٻيهر وڌي رهي آهي.

بقايا ❊❊❊ 13

ڇڏيو آهي. گذريل اڱاري تي به اسپيڪر پي ٽي آءِ جي 34 ميمبرن ۽ عوامي مسلم ليگ جي شيخ رشيد جي استعيفيٰ منظور ڪئي هئي جن کي اليڪشن ڪميشن ڊي نوٽيفاءِ ڪري ڇڏيو هو اسپيڪر گذريل سال پي ٽي آءِ جي 11 ميمبرن جي استعيفيٰ منظور ڪئي هئي ۽ انهن مان هڪ ميمبر شڪور شاد عدالت ۾ درخواست ڏني هئي ته ان استعيفيٰ ناهي ڏني ۽ بعد ۾ هو بچي ويو هو هن مهل تائين مجموعي طور 79 پي ٽي آءِ ۽ هڪ شيخ رشيد سميت 80 ميمبرن جون استعيفائون قبول ٿي ويون آهن. گذريل اڱاري ۽ اڄ جمعي تي 70 ميمبرن جون استعيفائون اهڙي وقت منظور ڪيون ويون آهن جڏهن عمران خان ايوان ۾ واپس وڃڻ ۽ شهباز شريف خلاف عدم اعتماد جو اعلان ڪيو هو قومي اسيمبلي جو اجلاس جيڪو جمعي تي طلب ڪيو ويو هو اهو اچنو ملتوي ڪري ٿي پي ٽي آءِ کي سرپرائيز ڏنو ويو آهي. اڄ جن ميمبرن جي استعيفيٰ منظور ڪئي وئي آهي تن ۾ جنيد اڪبر، عثمان ترڪئي، مجاهد علي، ارباب عامر ايوب، عندليب عباس، ملاڪا بخاري جون استعيفائون منظور ڪيون ويون آهن.ان کان علاوه حيدر علي خان، سليم رحمان، صاحبزاده صبغت الله، محبوب شاهه، محمد بشير شير علي ارباب، شاهد احمد، گل داد خان، ساجد خان، محمد اقبال خان، حيدر علي خان، سليم رحمان، صاحبزاده صبغت الله استعيفيٰ ڏئي ڇڏيا آهن.منظور ڪيو ويو آهي.ان موقعي تي راجا پرويز اشرف، محبوب شاهه، شيراڪبر خان، علي خان جدون، عامر محمود ڪياني، فيض الحسن، شوڪت علي، عمر اسلم خان، امجد علي خان، خرم شهزاد، فيض الله، ملڪ ڪرامت کوکر، سيد فخر امام، ظهور حسين قريشي، ابراهيم خان، طاهر اقبال، اورنگزيب خان، مخدوم خسرو بختيار، عبدالمجيد خان، عاصم قدير، منورا بي بي جون استعيفائون به منظور ڪيون ويون آهن. قومي اسيمبلي جي اسپيڪر راجا پرويز اشرف استعيفيٰ منظور ڪندي وڌيڪ ڪارروائي لاءِ اليڪشن ڪميشن کي موڪلي ڇڏي آهي.

بقايا ❊❊❊ 14

دوران عمران خان جي گرفتاري بابت سوال تي رانا ثناءالله چيو ته ڪنهن جي به گرفتاري جو فيصلو حڪومت جو ناهي هوندو اهو فيصلو جاچ ڪندڙ ادارن جو هوندو آهي. ڳالهين دوران رانا ثناءالله دعويٰ ڪئي ته پنجاب جي عام چونڊن ۾ (ن) ليگ نه صرف ڪامياب ٿيندي پر اڪثريت به حاصل ڪندي. هن چيو ته اپريل تائين پنجاب ۾ چونڊ شيڊول جاري ناهي ٿيو. ٿي سگهي ٿو ته چونڊون 3 مهينن ۾ نه ٿي سگهن. پر اهو واضح آهي ته (ن) ليگ نوازشريف جي قيادت ۾ چونڊ مهم شروع ڪندي. ووٽ ۽ سپورٽ نوازشريف جو آهي ان لاءِ سندس ملڪ واپسي ضروري آهي. ٻئي طرف وفاقي وزير جاويد لطيف چيو آهي ته اسان کي حڪومت ملي 7_8 مهينا ناهن ٿيا صرف ڏيڍ مهينو ٿيو آهي اصل آزاد حڪومت 23 نومبر کان پوءِ وجود ۾ آئي آهي.

بقايا ❊❊❊ 15

پوليس حيدرآباد امجد شيخ موجب 2 موٽرسائيڪل سوار جوابدارن سنڌ يونيورسٽي جي شاگردن کي پِڪ اينڊ ڊراپ جي سهولت فراهم ڪندڙ بس جي ڊرائيور 50 ورهين جي غلام علي ولد محمد مٺل کي فائرنگ ڪري قتل ڪري ڇڏيو.امجد شيخ موجب واقعو بس تي فائرنگ جو هو، ڊرائيور بس روڪي ۽ هوٽل تي پاڻي پيئڻ لاءِ هيٺ لٿو ته جوابدارن فائرنگ ڪري ڏني. جنهن جي نتيجي ۾ هو موقعي تي ئي مارجي ويو.امجد شيخ جو چوڻ آهي ته ابتدائي جاچ ۾ انڪشاف ٿيو آهي ته واقعو خانداني تڪرار ۽ غيرت جي نالي تي قتل آهي. پوليس موجب جوابدارن جي گرفتاري لاءِ ڪوششون شروع ڪيون ويون آهن.واقعي خلاف سنڌ يونيورسٽي جي بس جي ڊرائيورن به احتجاج ڪيو ۽ پوليس کين اطلاع ڪري معاملي کي ختم ڪرايو.

بقايا ❊❊❊ 16

ٽوڙ عدالت ۾ پيش ٿيو ۽ ضمانت جي درخواست داخل ڪئي. دهشتگردي ٽوڙ عدالت پي ٽي آءِ اڳواڻ علي زيدي جي 30 هزار رپين جي مچلڪن عيوض ضمانت واري درخواست منظور ڪندي پوليس کي 28 جنوري تائين جوابدارن جي گرفتاري کان روڪي ڇڏيو.ڪيس ۾ پي ٽي آءِ جي بلال غفار، سعيد آفريدي ۽ ٻين جي ضمانت منظور ٿي چڪي آهي.ان موقعي تي ميڊيا سان ڳالهائيندي پي ٽي آءِ سنڌ جي صدر علي زيدي چيو ته هو لوڪل گورنمينٽ لاءِ حافظ نعيم الرحمان سان رابطي ۾ آهن. حافظ نعيم الرحمان سياڻي اسان وٽ اچي رهيو آهي، سائنس ملاقات کانپوءِ معاملو اڳتي وڌندو حتمي ڪيو ويندو علي زيدي چيو ته هاڻ پيپلز پارٽي زرداري مافيا آهي، ان سان ڪا به ڳالهه نه ٿيندي.

بقايا ❊❊❊ 17

سچل انويسٽيگيشن پوليس عبدالله شاهه غازي گوٺ تي ڇاپو هڻي 2 انتهائي گهربل جوابدارن کي گرفتار ڪري ورتو ڪجهه عرصو اڳ گلستان جوهر ۾ جوابدار بئنڪ مان 17 لک رپيا ڦُر ڪري فرار ٿي ويا هئا.سچل ڳوٺ ۾ جوابدارن گهر مان 25 لک رپين جي ڦر جي واردات ڪئي. واقعي جي سي سي ٽي وي فوٽيج جي مدد سان جوابدارن جي سڃاڻپ ڪئي وئي. ٻئي طرف ملير شاهه لطيف گلستان سوسائٽي ۾ پوليس مقابلي بعد 2 ڌاڙيلن کي زخمي حالت ۾ گرفتار ڪري ورتو ايس ايس پي ملير موجب گرفتار جوابدارن ۾ نعمت الله ۽ شهزاد عرف جانا شامل آهن پوليس موجب گرفتار جوابدارن وٽان 2 پسٽول، موبائل فون ۽ هڪ موٽرسائيڪل هٿ ڪئي وئي آهي، جوابدار مختلف علائقن ۾ ڦر جي وارداتن ۾ ملوث آهن.

بقايا ❊❊❊ 18

چيو هو ته مان ائين استعيفيٰ منظور نٿو ڪري سگهان. جن جا استعيفيٰ منظور ڪيا ويا انهن کي به اسپيڪر طرفان گهرايو ويو هو؟ اهو هڪ غيرقانوني قدم آهي، جمهوريت جي نالي تي مذاق ڪيو پيو وڃي. هن چيو ته اسان چاهيون ٿا ته اسان جا جيڪي ايم اين ايز آهن اهي اسيمبلي وڃن. اسان جڏهن اندر وياسين ته اتي نه اسپيڪر هو نه ڊپٽي اسپيڪر. جڏهن ته سيڪريٽري ۽ ڊپٽي سيڪريٽري سميت سمورو عملو غائب آهي. اسد عمر چيو ته ملڪ هر گذرندڙ ڏينهن سان تباهي جي دلدل ۾ ڦاسندو پيو وڃي. پاڪستان کي جلد کان جلد ٽئين چونڊن طرف آندو وڃي. ان موقعي تي فواد چوڌري چيو ته اسان هڪ مجبور ۽ لاچار پارليامينٽ جي سامهون بيٺل آهيون. اسپيڪر چوي ٿو ته 17 کان 18 ماڻهو اسان سان رابطي ۾ آهن. اسپيڪر کان پڇان ٿو ته اهي 17 کان 18 ماڻهو ڪٿي آهن؟ هن چيو ته پاڪستان اڄ وڏي سياسي ۽ معاشي بحران جو شڪار آهي. امڪان آهي ته اسان سريلنڪا جهڙي صورتحال طرف وڌي رهيا آهيون. مريم نواز جي چوڻ تي 2 ميمبرن استعيفيٰ نه ڏنا هئا. جيڪا حڪومت هن وقت آهي اها صرف 36 سيڪڙو ماڻهن جي نمائندگي ڪري رهي آهي. بند ڪمرن ۾ فيصلا ڪيا پيا وڃن جنهن جي ڪري عوام بحران کي منهن ڏئي رهيو آهي. اسان جي 81 ايم اين ايز جا استعيفيٰ منظور ٿي چڪا آهن. اسان کي هاڻ عام چونڊن جي تاريخ ڏني وڃي. ان موقعي تي شاهه محمود قريشي چيو ته اڄ اسپيڪر پنهنجي عمل سان ثابت ڪيو ته هو ايوان جو نگران نه آهي. اسپيڪر منهنجي خط جي جواب ۾ چيو هو ته گڏيل استعيفيٰ منظور نٿو ڪري سگهان. جڏهن اسان اجلاس ۾ شرڪت جو فيصلو ڪيو ته هن اجلاس ملتوي ڪري ڇڏيو. اسان اسيمبلي ۾ اچڻ جو فيصلو ڪيو ته هن وڌيڪ 35 ميمبرن جون استعيفائون منظور ڪري ورتيون جيڪي اسان جا باقي ميمبر رهجي ويا هئا اسان انهن کي به اسيمبلي ۾ وٺي آيا آهيون. اوهان اسان جي 91 ميمبرن کي ڊي نوٽيفاءِ ڪيو. اسان ٻين کي به آندو آهي هاڻ انهن جون به استعيفائون منظور ڪريو. پي ٽي آءِ جي وائيس چيئرمين چيو ته هن جي قول ۽ فعل ۾ تضاد آهي، هي عوام جو فيصلو نٿا چاهين پر منهنجي مرضي جا فيصلا مڙهڻ چاهين ٿا. جيستائين هتي جي مٿان ڪيسز آهن هي اسيمبلي کي ڊيگهه ڏيندا. اسان ته پنجاب ۾ هر آزمائش تي پورا لٿاسين. اوهان ته پنهنجي ميمبرن کي آزمائش ۾ وجهڻ کان ڪترائي رهيا آهيون. شاهه محمود قريشي چيو ته هي معيشت کي مستحڪم نٿا ڪري سگهن. دهشتگردي ٻيهر وڌي رهي آهي اسان ٽيون چونڊون چاهيون ٿا. اسان چاهيون ٿا ته هاڻ عوام فيصلو ڪري.

بقايا ❊❊❊ 19

آهي ته پاڪستان ۾ عالمي بئنڪ جي امڪاني آپريشنز جي منظوري ۾ دير بابت ميڊيا تي هلندڙ خبرون بي بنياد آهن. ورلڊ بئنڪ جي ڪنٽري ڊائريڪٽر موجب اسان جي سڀني تجويز ڪيل آپريشنز ۽ انهن جي رقم بابت بورڊ جي منظوري جون تاريخون واضح آهن. هن چيو ته عالمي بئنڪ تجويز ڪيل منصوبن جي تياري جي بنياد تي پراجيڪٽ جي تجويزن جي تبديلي وقت فيصلو ڪندي آهي.

بقايا ❊❊❊ 20

آهي ته ايل سيز نه کلڻ ته فيبروري جي شروعات کان پيٽرول جي کوٽ ٿي سگهي ٿي، 10 ڏينهن کان ايل سيز کولرائڻ جون ڪوششون ڪامياب ناهن ٿي سگهيون. ذريعن موجب ايراني ڊيزل جي سپلاءِ وڌڻ سبب ڊيزل مناسب مقدار ۾ موجود آهي.

بقايا ❊❊❊ 21

ٿيو آهي. ڊپٽي ڪمشنر بولان آغا سميع الله موجب ڪوئيٽا کان پشاور ويندڙ جعفر ايڪسپريس کي ڌماڪيدار مواد سان اڏائڻ جي ڪوشش ڪئي وئي جنهن سبب انجڻ سميت اٺ بوگيون پٽڙي تان لهي ويون. ڊپٽي ڪمشنر بولان موجب شروعاتي ڄاڻ مطابق 8 ڄڻا زخمي ٿي پيا آهن. جابلو علائقي هجڻ سبب ريسڪيو ٽيمن کي پريشانين کي منهن ڏيڻو پئجي رهيو آهي. واقعي جي اطلاع ملندي ئي سيڪيورٽي فورسز ۽ ريسڪيو ٽيمون واقعي واري هنڌ روانيون ٿي ويون آهن.ريلوي اختيارين موجب ڌماڪي جي نتيجي ۾ ٽرين جي پٽڙي تان لهڻ کان پوءِ مڃ، سڀني ريلوي ٽريڪ تي ٽرينن جي آمد رفت معطل ٿي وئي آهي. ضلعي جي سمورين اسپتالن ۾ هنگامي حالتون لاڳو ڪري ڊاڪٽرن ۽ پيرا ميڊيڪل عملي کي الرٽ ڪيو ويو آهي.هوڏانهن بلوچستان جي وڏي وزير عبدالقدوس بزنجو جعفر ايڪسپريس کي دهشتگردي جو نشانو بنائڻ واري واقعي جي مذمت ڪندي مسافرن جي زخمي ٿيڻ تي ڏک جو اظهار ڪيو هن ڊپٽي ڪمشنر ڪڇ ۽ سبي کي فوري طور تي امدادي سرگرميون تيز ڪرڻ ۽ زخمين کي اسپتالن ۾ علاج جون بهترين سهوليتون ڏيڻ جي هدايت ڪئي آهي.

بقايا ❊❊❊ 22

درخواست جي ٻڌڻي ٿي. درخواستگذارن جي آءِ ٽي کي اومني گروپ بابت انڪوائري ۽ ادائيگي روڪڻ جي درخواست ڪئي هئي. درخواست ۾ چيو ويو آهي ته درخواستگذار شگر ملز جو اومني گروپ جي شگر ملن سان ڪو به واسطو ناهي. عدالت نيب ۽ ايف آءِ اي جي چيئرمين کان اومني گروپ خلاف جاچ رپورٽ طلب ڪري ورتي آهي. جڏهن ته چيف سيڪريٽري سنڌ کان شگر ملن جي ادائيگي بابت به رپورٽ طلب ڪري ورتي آهي. چيف جسٽس سنڌ پنهنجي ريمارڪس ۾ چيو ته اومني گروپ ۽ انور مجيد خلاف هن وقت تائين ڪهڙي جاچ ٿي آهي؟ عدالت درخواست ۾ چيو ويو آهي ته نيب ۽ ايف آءِ اي چيئرمين 8 فيبروري تائين تفصيلي رپورٽ پيش ڪن جڏهن ته اومني گروپ جي واجب سبسڊي جي رقم جاري ڪرڻ جو حڪم جاري ڪرڻ، چيني برآمدات تي 50٪ وفاقي سبسڊي ادا ڪرڻو آهي. 50 سيڪڙو سبسڊي اڃا تائين صوبائي حڪومت وٽ آهي.

بقايا ❊❊❊ 23

۽ نواداراتي ريڪارڊ کي محفوظ ڪري آرڪائيز ڪاتي ۾ (ٽالپر خاندان) جي نالي سان منسوب ڪارنر ۾ ريڪارڊ طور رکڻ بابت ڳالهيون پڻ ٿيون. ان سلسلي ۾ صوبائي صلاحڪار طارق حسن پرنس مير مهدي ٽالپر کي يقين ڏياريو ته سنڌ حڪومت سنڌ جي تاريخي ورثي جي ويڙن کي سامهون رکي سنڌ جي تاريخي ريڪارڊ کي محفوظ ڪرڻ بابت ٽڪڙا ۽ عملي پروگرام ترتيب ڏنا آهن جنهن موجب جتي سنڌ جو سرڪاري دستاويزي ٽوٽي نواداراتي ريڪارڊ ۽ شيون محفوظ ڪري تاريخ جو حصو بڻايون ٿا اتي سنڌ جي تاريخي پس منظر سان تاريخي ريڪارڊ پرائيويٽ ادارن جي سياسي حڪومتي خاندانن ٽوٽين، درگاهن ۽ آرڪائيز جي اهميت جي حامل شخصي ريڪارڊ کي محفوظ ڪرڻ واري منصوبي تي عملي طور ڪم ڪرڻ لاءِ وڃي رهيا آهيون جنهن جي ابتدا ٽالپر دور ۽ خيرپور رياست جي حڪمران خاندان سان ملاقات کي اهميت جوڳي سمجهڻ جي ڳالهه رکي رهيا آهيون. ان موقعي تي اڳوڻي خيرپور رياست جي حڪمران خاندان جي زميوار پرنس مير مهدي ٽالپر چيو ته اوهان جو هي انتهائي اهميت وارو آهي جنهن کي اسان تعزير جي نظر سان ڏسندي اوهان سان پنهنجو اهميت جو حامل آرڪائيز بابت مواد ۽ دستاويزي ريڪارڊ شيئر ڪنداسين ۽ ان ۾ مڪمل سهڪار پڻ ڪبو. ان موقعي تي آرڪائيز بابت صوبائي صلاحڪار طارق حسن پرنس مير مهدي ٽالپر جو شڪريو ادا ڪندي چيو ته وڏي وزير سيد مراد علي شاهه جي ويزن موجب هن ڪم کي اسان ترجيحي بنيادن تي تمام جلد عملي شڪل پڻ ڏينداسين. ان گڏجاڻيءَ ۾ مخدوم آف کهڙا شريف مخدوم نديم ، نوجوان ليڪ ۽ صوبائي صلاحڪار جو ميڊيا ڪوآرڊينيٽر احمد الله پرڙو ۽ آرڪائيز ڪاتي جا عملدار پڻ شامل هئا.

بقايا ❊❊❊ 24

موجب عورت پنهنجي عاشق جي مدد سان ٽن ورهين جي ڌيءَ کي قتل ڪيو ۽ پوءِ ٻنهي لاش بيڊ شيٽ ۾ ويڙهي سڙي گنگا نگر ريلوي اسٽيشن ڪٽي ويا، جتان اهي ٽرين تي چڙهيا ۽ عورت ڌيءَ جي مڙهه کي هلندڙ ريل مان هيٺ ڦٽو ڪري ڇڏيو جوابدارن جي سڃاڻپ سنيتا ۽ سني عرف مالتا جي نالن سان ٿي آهي، ٻنهي کي گرفتار ڪيو ويو آهي ۽ انهن ڏوهه جو اعتراف پڻ ڪيو آهي. پوليس جو چوڻ آهي ته جوابدارن جو ارادو لاش کي ڍنڍ ۾ اڇلائڻ جو هو پر اهو ريلوي لائنز تي ڪريو. جنهن کانپوءِ پوليس کي اهڙو اطلاع ڏنو ويو. رپورٽ موجب سنيتا جا 5 ٻار آهن. هوءَ ٻن ڌيئرن ۽ پنهنجي عاشق سني سان گڏ شاستري نگر ۾ رهندي هئي. جڏهن ته ٻيا ٻار پيءُ سان رهندا آهن.

بقايا ❊❊❊ 25

موجب ڪيس ۾ نامزد جوابدار کي گرفتار ڪيو ويو آهي، بسمه يعقوب کي ضمانت رد ٿيڻ تي گرفتار ڪيو ويو آهي جڏهن ته ڪيس سارا ملڪ جي ڪيس جي جاچ ۾ پڻ شامل ڪيو ويو آهي. ياد رهي ته ڪجهه ڏينهن اڳ ڪراچي ۾ سي ويو تي هڪ ناري سمنڊ ۾ ٽپو ڏئي آپگهات ڪري ڇڏيو هو جنهن جو لاش ٽوپن ڪيٽي ڪلاڪن جي ڳولا بعد ڪڍي ورتو هو ناري جي پيءُ جي فرياد ۾ سي ويو ٿاڻي تي ڪيس داخل ڪيو ويو هو جنهن ۾ ناري جي والد ڌيءَ جي موت جو ذميوار ويٽرنري اسپتال جي ڊاڪٽر شان سليم ۽ بسمه کي قرار ڏنو آهي.

بقايا ❊❊❊ 26

شهباز شريف ڪجهه ڏينهن اڳ ڀارت کي ڳالهين جي دعوت ڏني هئي. شهباز شريف چيو هو ته ڪشمير سميت سڀني مسئلن جي حل لاءِ ڳالهيون اٿتر آهن.

بقايا ❊❊❊ 27

قرار ڏئي ڇڏيو آهي.عدالت چيو ته تفصيلي فيصلو بعد ۾ جاري ڪيو ويندو.عدالت ۾ ايف آءِ اي جي حڪام ٻڌايو ته جوابدار کي 2017ع ۾ سعودي عرب مان واپسي کان پوءِ گرفتار ڪيو ويو هو. جوابدار جعلي پاڪستاني پاسپورٽ تي سعودي عرب ويو ، سمنڊ جي رستي سان سعودي عرب ويو .نادرا جعلي سڃاڻپ ڪارڊ ڏنو.15 مهنني جيل ۾ رهيو ماتحت عدالت 2018ع ۾ 20 سال جي سزا ٻڌائي هئي.

بقايا ❊❊❊ 28

منظور ڪهراچي ويو آهي ،سندس گم ٿيڻ جو ڪيس به داخل ڪيو وڃي .عدالت اسٽيل ٽائون گم ٿيل شهري منظور جي درخواست اڪلائي ڇڏي آهي

بقايا ❊❊❊ 29

چيو هو ته مان ائين استعيفيٰ منظور نٿو ڪري سگهان. جن جا استعيفيٰ منظور ڪيا ويا انهن کي به اسپيڪر طرفان گهرايو ويو هو؟ اهو هڪ غيرقانوني قدم آهي، جمهوريت جي نالي تي مذاق ڪيو پيو وڃي. هن چيو ته اسان چاهيون ٿا ته اسان جا جيڪي ايم اين ايز آهن اهي اسيمبلي وڃن. اسان جڏهن اندر وياسين ته اتي نه اسپيڪر هو نه ڊپٽي اسپيڪر. جڏهن ته سيڪريٽري ۽ ڊپٽي سيڪريٽري سميت سمورو عملو غائب آهي. اسد عمر چيو ته ملڪ هر گذرندڙ ڏينهن سان تباهي جي دلدل ۾ ڦاسندو پيو وڃي. پاڪستان کي جلد کان جلد ٽئين چونڊن طرف آندو وڃي. ان موقعي تي فواد چوڌري چيو ته اسان هڪ مجبور ۽ لاچار پارليامينٽ جي سامهون بيٺل آهيون. اسپيڪر چوي ٿو ته 17 کان 18 ماڻهو اسان سان رابطي ۾ آهن. اسپيڪر کان پڇان ٿو ته اهي 17 کان 18 ماڻهو ڪٿي آهن؟ هن چيو ته پاڪستان اڄ وڏي سياسي ۽ معاشي بحران جو شڪار آهي. امڪان آهي ته اسان سريلنڪا جهڙي صورتحال طرف وڌي رهيا آهيون. مريم نواز جي چوڻ تي 2 ميمبرن استعيفيٰ نه ڏنا هئا. جيڪا حڪومت هن وقت آهي اها صرف 36 سيڪڙو ماڻهن جي نمائندگي ڪري رهي آهي. بند ڪمرن ۾ فيصلا ڪيا پيا وڃن جنهن جي ڪري عوام بحران کي منهن ڏئي رهيو آهي. اسان جي 81 ايم اين ايز جا استعيفيٰ منظور ٿي چڪا آهن. اسان کي هاڻ عام چونڊن جي تاريخ ڏني وڃي. ان موقعي تي شاهه محمود قريشي چيو ته اڄ اسپيڪر پنهنجي عمل سان ثابت ڪيو ته هو ايوان جو نگران نه آهي. اسپيڪر منهنجي خط جي جواب ۾ چيو هو ته گڏيل استعيفيٰ منظور نٿو ڪري سگهان. جڏهن اسان اجلاس ۾ شرڪت جو فيصلو ڪيو ته هن اجلاس ملتوي ڪري ڇڏيو. اسان اسيمبلي ۾ اچڻ جو فيصلو ڪيو ته هن وڌيڪ 35 ميمبرن جون استعيفائون منظور ڪري ورتيون جيڪي اسان جا باقي ميمبر رهجي ويا هئا اسان انهن کي به اسيمبلي ۾ وٺي آيا آهيون. اوهان اسان جي 91 ميمبرن کي ڊي نوٽيفاءِ ڪيو. اسان ٻين کي به آندو آهي هاڻ انهن جون به استعيفائون منظور ڪريو. پي ٽي آءِ جي وائيس چيئرمين چيو ته هن جي قول ۽ فعل ۾ تضاد آهي، هي عوام جو فيصلو نٿا چاهين پر منهنجي مرضي جا فيصلا مڙهڻ چاهين ٿا. جيستائين هتي جي مٿان ڪيسز آهن هي اسيمبلي کي ڊيگهه ڏيندا. اسان ته پنجاب ۾ هر آزمائش تي پورا لٿاسين. اوهان ته پنهنجي ميمبرن کي آزمائش ۾ وجهڻ کان ڪترائي رهيا آهيون. شاهه محمود قريشي چيو ته هي معيشت کي مستحڪم نٿا ڪري سگهن. دهشتگردي ٻيهر وڌي رهي آهي اسان ٽيون چونڊون چاهيون ٿا. اسان چاهيون ٿا ته هاڻ عوام فيصلو ڪري.

بقايا ❊❊❊ 30

ڊاڪٽر عافيه جي درخواستگذار ڀيڻ فوزيه صديقي پنهنجي وڪيل سميت عدالت ۾ پيش ٿي. ٻڌڻي دوران عدالت ايڊيشنل اٽارني جنرل کان پڇائو ڪيو ته ڇا ڪا اڳڀرائي ٿي آهي، جنهن تي ايڊيشنل اٽارني جنرل منور اقبال چيو ته اسان جي آفيسرن وقتي آمريڪي سفير سان ملاقات ڪئي آهي.ان تي جسٽس سردار اعجاز پڇائو ڪيو ته ڇا ڪافي ۽ ڪيڪ ملاقات ٿي آهي. ان جو مطلب آهي ته نه پرڏيهي سيڪريٽري ۽ نه ئي پرڏيهي وزير کي عدالتي حڪم جي خبر آهي، انهن کي خبر ناهي ته ان ملاقات ۾ ڇا ٿيو؟ ستين اپريل ٻڌڻي آهي، حڪومت ان حوالي سان ڪجهه به ڪرڻ نٿي چاهي، اسان جو به دائرو آهي، اسان صرف ان جي حدن ۾ رهي سگهون ٿا.ايڊيشنل اٽارني جنرل عدالت کي ٻڌايو ته عافيه صديقي جي آزاديءَ جو معاملو سفارتي سطح تي اٿاريو ويو آهي، هوءَ اسان جي شهري آهي ۽ حڪومت ان جي جيڪا به مدد ڪري سگهي ٿي ڪري، ان دوران فوزيه صديقي جي وڪيل موقف اختيار ڪيو ته لڳي ٿو حڪومت ان معاملي ۾ بيوس آهي، عافيه صديقي لاءِ آمريڪا ۾ هڪ ٻيو وڪيل ڳولهيو آهي.بعد ۾ عدالت پرڏيهي وزارت جي آفيسرن کي هدايت ڪئي ته هو ايندڙ هفتي فوزيه صديقي سان ملاقات ڪري قانوني معاملن تي سهڪار ڪن. جڏهن ته ڪيس جي وڌيڪ ٻڌڻي 17 مارچ تائين ملتوي ڪري ڇڏي.

بقايا ❊❊❊ 31

۾ پي ٽي آءِ جو وفد اسپيڪر قومي اسيمبلي جي چيمبر ۾ پهتو ۾ قومي اسيمبلي جو اسپيڪر راجا پرويز اشرف چيمبر ۾ موجود نه هو اهڙن خيالن جو اظهار پي ٽي آءِ اڳواڻن پارليامينٽ هائوس ٻاهران ميڊيا سان ڳالهائيندي ڪيو.اسد قيصر چيو ته قومي اسيمبلي جي اسپيڪر اسان کي اسيمبليءَ ۾ گهرايو هو.هن چيو ته مان اهڙيون استعيفائون قبول نه ٿو ڪري سگهان، ڇا جن جون استعيفائون قبول ڪيون ويون هيون انهن کي اسپيڪر سڏايو هو؟ اسد قيصر جو چوڻ آهي ته اهو غير قانوني آهي، جمهوريت جي نالي تي مذاق آهي، اسان چاهيون ٿا ته اسان جا ايم اين اي اسيمبلي ۾ وڃن.فواد چوڌري چيو ته اسان مجبور، لاچار پارليامينٽ جي سامهون بيٺا آهيون. اسپيڪر چوندو هو ته 17 کان 18 ماڻهو رابطي ۾ آهن. مان ڪائنس پڇان ٿو ته اهي 17 کان 18 ماڻهو ڪٿي آهن؟ هن چيو ته پاڪستان اڄ وڏي سياسي ۽ معاشي بحران جو شڪار آهي. خدشو آهي ته اسان سريلنڪا جهڙي صورتحال ڏانهن وڃي رهيا آهيون.هنن چيو ته هاڻ جيڪا حڪومت آهي اها رڳو 36 سيٽن نمائندن جي آهي. بند ڪمرن جا فيصلا ڪيا پيا وڃن. جنهن سبب عوام بحران جي منهن ڏئي رهيو آهي. اسان جي 81 ايم اين ايز جون استعيفائون منظور ڪيون ويون آهن. اسان کي عام چونڊن جي تاريخ ڏني وڃي.ان موقعي تي اسد عمر چيو ته ملڪ هر گذرندڙ ڏينهن سان تباهي جي دلدل ۾ ڌڪجي رهيو آهي.شاهه محمود قريشي چيو ته اڄ اسپيڪر پنهنجي عمل سان ثابت ڪري ڇڏيو آهي ته هو ايوان جو نگران ناهي، منهنجي خط جي جواب ۾ اسپيڪر چيو ته هو اجتماعي استعيفائون قبول نٿا ڪري سگهن.هن چيو ته اسان اجلاس ۾ شرڪت جو فيصلو ڪيو، انهن اجلاس ملتوي ڪيو. اسان اسيمبلي ۾ اچڻ جو فيصلو ڪيو. وڌيڪ 35 ميمبرن جون استعيفائون منظور ڪيون ويون. پي ٽي آءِ اڳواڻ چيو ته اسان باقي ميمبرن کي اسيمبلي ۾ آندو. توهان اسان جي 81 ميمبرن کي ڊي نوٽيفڪيشن ڪيو. باقي اسان انهن کي به منظور ڪرائڻ لاءِ آندو.شاهه محمود قريشي چيو ته جيستائين سنڌن ڪيس آهن تيستائين هو اسيمبلي کي ڏگها ڪندا.هن چيو ته اسان چاهيون ٿا ته ٽيون چونڊون ٿيون. اسان چاهيون ٿا ته عوام فيصلو ڪري، هو معيشت کي مستحڪم نه ڪري سگهيا، دهشتگردي ٻيهر وڌي رهي آهي.

بقايا ❊❊❊ 32

ڪيس داخل ڪيو وڃي.عدالت ايس ايڇ او شاهه لطيف کي گم ٿيل شهري مير علي حيدر جي گمشدگي جو ڪيس داخل ڪري جاچ جو حڪم ڏئي ڇڏيو.سنڌ هاءِ ڪورٽ گم ٿيل شهري حيدر علي جي فوري بازيابي جو حڪم ڏئي ڇڏيو. جڏهن ته درخواستگذار جي وڪيل چيو ته گم ٿيل شهري منظور احمد وطن واپس پهچي ويو آهي.درخواستگذار جي وڪيل چيو ته منظور احمد تي گمشدگي دوران ڪيس داخل ڪيا ويا. عدالت اسٽيل ٽائون مان گم ٿيل شهري منظور احمد جي گمشدگي واري درخواست اڪلائي ڇڏي.

سنڌ ميمڻ اتحاد جو قائم مقام چيئرمين محمد دين ميمڻ فراڊ جي ڪيس ۾ گرفتار

محمد دين ميمڻ فليٽ بڪ ڪرائڻ بهاني اسان سان فراڊ ڪيو آهي تدارڪ ڪيو وڃي: غلام سرور ۽ ٻيا

ڪروڙين رپين جي ڪيل ڪرپشن بابت سخت پڇاڻو ڪري رقم اصل مالڪن تائين پهچائي وڃي

نوشهروفيروز (ڊ. ر) سنڌ ميمڻ اتحاد جو قائم مقام چيئرمين شمس بلڊر جو مالڪ محمد دين ميمڻ ڪروڙين رپين جي فراڊ جي ڪيس ۾ گرفتار لانڍي جيل ڪراچي منتقل. محمد دين ميمڻ فليٽ بڪ ڪرائڻ بهاني اسان سان فراڊ ڪيو آهي تدارڪ ڪيو وڃي. غلام سرور ۽ ٻيا خبر موجب نوشهروفيروز جي رهواسين غلام سرور سعيد احمد غلام علي سولنگي ۽ ٻين ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته ميمڻ اتحاد جو اڳواڻ بلڊر محمد دين ميمڻ ڪان اسان حيدرآباد قاسم آباد ۾ فليٽ ڪرايا سين ۽ پئسا به ايڊوانس ڏناسين پر هن اسان سان فراڊ ڪيو آهي ڪراچي پوليس ڪيس گرفتار ڪري لانڍي جيل منتقل ڪيو آهي هنن چيو ته پاڻ ڪي سنڌ ميمڻ اتحاد جو قائم مقام صدر سڏرائيندڙ اسان سان فراڊ ڪيو آهي اسان پنهنجو الله تلو وڪڻي پنهنجي رهائش لاءِ فليٽ بڪ ڪرايا پر هن فليٽ نه ڏنا ۽ پئسا هڙپ ڪري ويو هنن اينٽي ڪرپشن نيب توڙي ٻين جاچ ادارن کان مطالبو ڪيو آهي ته محمد دين ميمڻ خلاف اعلي سطح تي جي آءِ ٽي جوڙي انڪوائري ڪرائي ڪروڙين رپين جي ڪيل ڪرپشن بابت سخت پڇاڻو ڪري رقم اصل مالڪن تائين پهچائي وڃي

ٽنڊي باگي پرسان پراڻي پرائمري اسڪول جي عمارت زبون حال ٿي وئي

بنيادي سهولتن جي کوٽ سبب پوليو مهم جو بائيڪاٽ تيستائين جاري رکنداسين: رهواسي

اسڪول ۾ سهولت نه هجڻ سبب ٻارن جي تعليم متاثر ٿي رهي آهي، واهر ڪئي وڃي: مطالبو

بدين (رپورٽ مرتضيٰ ميمڻ) تعلقي ٽنڊي باگي جي يوسي ڏيٿي ڳوٺ ميٺان ۾ اڌ صدي کان مٿي پراڻي پرائمري اسڪول ميٺان يوسي ڏيٿي جي عمارت 2011 جي برساتن ۾ زبون حال ٿيڻ ڪانپوءِ گذريل 12 سالن کان ڊهي تباهه ٿي ويئي آهي جنهن جي نه لهڻ تائين ڳوٺاڻن مهراڻ درس ڏيرو مل پوڙهو انڙ گل محمد درس ۽ شاگردن رميش ڪمار سڪينه اقراءَ ۽ ٻين مظاهرو ڪندي چيو آهي ته هو هر پوليو مهم جو بائيڪاٽ تيستائين جاري رکندا جيستائين سندن اسڪول جي عمارت نئي ڏني وڃي. هنن وڌيڪ چيو ته 180 کان وڌيڪ ٻارڙا گذريل 12 سالن کان کلئي آسمان هيٺ تعليم پرائي رهيا آهن ۽ گذريل سال هن اسڪول جي عمارت جو ٽينڊر به ٿيو هو جيڪو ڪاغذن ۾ گم ٿي ويو آهي ۽ اسان ان دوران ڪيترائي احتجاج ڪيا آهن ۽ وسوارن کي درخواستون موڪليون آهن پر اسان جو آواز نٿو ٻڌو وڃي

ميندهرو پڻ ضلع ڪائونسل بدين جي چيئرمين لاءِ پ پ پ جي بنيادي ۽ پراڻي ڪارڪن پ پ پ ضلع بدين جي اطلاعات سيڪريٽري فدا حسين ميندهرو لاءِ لابنگ شروع ڪري چڏي آهي جنهن لاءِ پ پ پ جا ذريعا ٻڌايين ٿا ته سينيٽر ڊاڪٽر خالدا سڪندر ميندهرو سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه ۽ سيد قائم علي شاهه سان به رابطو ڪيو آهي ياد رهي ته بدين جي ميندهرو فيملي نه فقط بنيادي طور پ پ پ سان وفادار رهي آهي بلڪ هن فيملي جا محترما شهيد ۽ سيد عبدالله شاهه ۽ سيد قائم علي شاهه فيملي سان ذاتي تعلقات به آهن اهڙي طرح سيدا بدين جو چيئرمين قبول محمد ڪتياڻ پڻ ضلع ڪائونسل بدين جي چيئرمين جو اميدوار آهي ۽ هن لاءِ معلوم ٿيو آهي ته هي زرداري خاندان ۽ خاص ڪري فريال ٽالپر جي سچي هٿ سهيل انور سيال جو خاص ويجهو آهي ۽ ان جي سفارش تي هن کي سيدا جو چيئرمين پڻ بڻايو ويو ضلع ڪائونسل بدين جي چيئرمين جو ٽڪيٽ وٺڻ لاءِ هن به سهيل انور سيال ذريعي لابنگ شروع ڪري ڏني آهي اهڙي طرح ضلع ڪائونسل بدين جي چيئرمين جي حاصلات لاءِ پ پ پ جي اميوارن وچ ۾ ڪانٽي جو مقابلو شروع ٿي ويو آهي

آهي ۽ 1977 جي چونڊن کان وٺي هو مسلسل پارٽي ٽڪيٽ تي بدين ۽ ماتلي جي ٽڪن تان چار ڀيرا ايم اين اي چونڊيو ۽ مارشلا جي دور ۾ جيل به ڪاٽيو هو ان وفات ڪانپوءِ به هاليپوٽو خاندان اڄ تائين پارٽي سان گڏ آهن ۽ علي اصغر هاليپوٽو جي نوجوان فرزند چام عبدالواحد هاليپوٽو جي لنڊن ۽ آمريڪا ۾ تعليم حاصل ڪرڻ دوران بلاول ڀٽو سان ويجهڙائي رهي آهي اهوئي سبب آهي جو چام عبدالواحد هاليپوٽو ضلع ڪائونسل بدين جو چيئرمين جو مضبوط اميدوار آهي ٻئي طرف ضلع ڪائونسل بدين جي چيئرمين لاءِ پارٽي جو پراڻو ڪارڪن ۽ شاگردي واري زماني کان سياف ۽ پارٽي جو بدين ضلع جو اڳوڻو صدر ۽ جنرل سيڪريٽري عبدالغفور نظاماڻي کي پيپلز پارٽي سنڌ جي سينئر ترين قيادت جنهن ۾ نثار کهڙو سيد قائم علي شاهه منظور وساڻ جي حمايت حاصل آهي ٻئي نمبر تي مضبوط اميدوار آهي جڏهن ته صوبائي وزير محمد اسماعيل راهو پنهنجي پائٽي ذوالفقار راهو کي ضلع ڪائونسل بدين جو چيئرمين ميں ڪرائڻ لاءِ پڻ پارٽي جي اعلي قيادت وٽ لابنگ شروع ڪري ڇڏي آهي پيپلز پارٽي جي ذريعن موجب ته اسماعيل راهو کي سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه جي حمايت حاصل آهي ان کان علاوهءِ وڏي وزير جي صوبائي صلاحڪار حاجي رسول بخش چانڊيو پنهنجي پٽ ڊاڪٽر سجاد چانڊيو کي چيئرمين بنائڻ لاءِ پڻ سرگرم ٿي ويو آهي ۽ پيپلز پارٽي ضلع بدين جو موجوده جنرل سيڪريٽري حاجي سائين بخش جمالي پڻ ضلع ڪائونسل بدين جو چيئرمين جو اميدوار آهي حاجي سائين بخش جمالي پرويز مشرف جي دور کان ارباب ڊاڪٽر غلام رحيم جو ويجهو ساٿي رهيو آهي ارباب رحيم جي وڏ وزارت جو مدو ختم ٿيڻ کانپوءِ هن ڊاڪٽر ذوالفقار مرزا وٽ پيپلز پارٽي ۾ شموليت ڪئي ۽ هن جو پٽ خان صاحب جمالي ان وقت پيپلز يوٿ ضلع بدين جو صدف نامزد ٿيڻ کانپوءِ هن جي ان وقت جي پيپلز يوٿ جي مرڪزي صدر عاجز ڌامراهه سان تمام گهڻي ويجهڙائپ هئڻ جي ڪري عاجز ڌامراهه جي ذريعي جمالي برادران جي رسائي فريال ٽالپر تائين ٿي ويئي ۽ عاجز ڌامراهه جي لابنگ ڪرڻ ڪرڻ تي خانصاحب جمالي جو والد حاجي سائين بخش جمالي پ پ پ ضلع بدين جو جنرل سيڪريٽري ٿي ويو ۽ تازو بدين ضلع ۾ مقاني ادارن جي چونڊن ۾ پڻ ٽنڊو باگو مان ۽ ڪڏڻ ٽاؤن ڪميٽي تي جمالي برادران کي سٽن سيٽن تي پارٽي ٽڪيٽون ڏيارڻ لاءِ عاجز ڌامراهه بدين ۾ ويهي لابنگ ڪري هن کي وٺي ڏنيون ۽ هاڻ به ضلع ڪائونسل بدين جي چيئرميني حاجي سائين بخش جمالي کي ڏيارڻ لاءِ پ پ پ جو صوبائي اطلاعات سيڪريٽري عاجز ڌامراهه فريال ٽالپر سميت پارٽي قيادت وٽ لابنگ شروع ڪري ڇڏي آهي پيپلز پارٽي جي ذريعن اهو به ٻڌايو آهي ته 2015 ۾ مقاني ادارن جي ۽ 2018 ۾ عام چونڊن ۾ ڊاڪٽر ذوالفقار طرفان مقاني ادارن ۽ ٽنڊو باگو جي ايم پي اي جي سيٽ تي پ پ پ کي شڪست ڏيڻ کانپوءِ پ پ پ جي اعلي قيادت پي ايس 72 ٽنڊو باگو تي ڊاڪٽر ذوالفقار مرزا جي مقابلي لاءِ صوبائي صلاحڪار ارباب لطف الله کي ٽنڊو باگو جون واڳون ان جي حوالي ڪيون ويون ۽ پي ايس 72 ٽنڊو باگو جي صوبائي اسيمبلي جي ٽڪيٽ پڻ ارباب جي حوالي ڪئي ويئي آهي جنهن تان هٽ ڪٽڻ جي عيوض ۾ حاجي سائين بخش جمالي ارباب لطف الله کان ضلع ڪائونسل بدين بدين جي چيئرمين يا وائيس چيئرميني جي سيٽ تي حمايت گهري ورتي آهي ۽ ارباب لطف الله هن کي يقين ڏياريو آهي ته ان لاءِ هو پارٽي قيادت اڳيان سندس حمايت ڪندو ٻئي طرف سينيٽر ڊاڪٽر خالدا سڪندر

ڊيرو هائوس هن وقت بلاول ڀٽو زرداري جي حوالي آهي.

بقايا	سنڌيار	32

بوهيو خطاب ڪيو ۽ ڪاليج جي شاگردن کي وڪالت جي شعبي ۾ ڪمپيوٽر جي ۽ ٽائيپنگ جي ڪردار بابت آگاهي ڏني پروگرام ۾ سائين ضمير حسين وسطڙو ٻاران آيل مهمانن کي سنڌ جي ثقافت اجرڪ جا تحفا پيش ڪيا ويا.

بقايا	سنڌيار	34

رميش ڪمار سڪينه اقراءَ ۽ ٻين مظاهرو ڪندي چيو آهي ته هو هر پوليو مهم جو بائيڪاٽ تيستائين جاري رکندا جيستائين سندن اسڪول جي عمارت نئي ڏني وڃي. هنن وڌيڪ چيو ته 180 کان وڌيڪ ٻارڙا گذريل 12 سالن کان کلئي آسمان هيٺ تعليم پرائي رهيا آهن ۽ گذريل سال هن اسڪول جي عمارت جو ٽينڊر به ٿيو هو جيڪو ڪاغذن ۾ گم ٿي ويو آهي ۽ اسان ان دوران ڪيترائي احتجاج ڪيا آهن ۽ وسوارن کي درخواستون موڪليون آهن پر اسان جو آواز نٿو ٻڌو وڃي.

بقايا	سنڌيار	35

پليجو جي سياسي جدوجهد سنڌ ۾ شعور جي تحريڪ پيدا ڪئي آهي. عوامي تحريڪ سنڌ جي وسيلن کي بچائڻ، سنڌ ۾ غير مقامي ماڻهن جي آبادڪاري ۽ زمينن تي قبضن ۽ انتهاپسندي خلاف جدوجهد ڪري رهي آهي. انهي موقعي تي عوامي تحريڪ جي ڪارڪنن انقلابي گيت پيش ڪيا جڏهن رسول بخش پليجو جي قبر کي سلامي پڻ پيش ڪئي تقريب ۾ عوامي تحريڪ جي عورت ڪارڪنن پڻ وڏي تعداد ۾ شرڪت ڪئي

بقايا	سنڌيار	36

اصغر هاليپوٽو جو والد حاجي عبدالله هاليپوٽو شهيد ذوالفقار علي ڀٽو جو ويجهو ساٿي رهيو

بقايا	سنڌيار	37

بابت ڪوئايل اجلاس جي صدارت ڪندي ڪيو ڊپٽي ڪمشنر پوليس عملدارن کي هدايت ڪئي ته ٽرانزٽ پوائنٽس تي پوليو ٽيمن سان ڀرپور تعاون ڪيو وڃي ته جيئن پبلڪ ٽرانسپورٽ تي سفر ڪندڙ ٻارن کي به آساني سان قطرا پياري سگهجن. هن چيو ته پوري ضلعي ۾ گهر گهر پوليو ٽيمن جي موجودگي کي يقيني بڻايو وڃي ته جيئن ڪو به ٻار پوليو جا قطرا پيئڻ کان رهجي نه وڃي. ان کان اڳ اين اسٽاپ آفيسر ڊاڪٽر راجيش ڪمار گذريل مهم جي ڪارڪردگي رپورٽ پيش ڪئي ۽ اجلاس کي بريفنگ ڏيندي ٻڌايو ته ايندڙ مهم دوران ضلعي جي 30 يونين ڪائونسلن ۾ 5 سالن کان گهٽ عمر جي 2 لک 31 هزار 995 ٻارن کي پوليو کان بچاءَ جا قطرا پيارڻ جو هدف مقرر ڪيو ويو آهي جنهن لاءِ 717 گشتي ٽيمون، 48 فڪسڊ ۽ 55 ٽرانزٽ پوائنٽس جڏهن ته 171 يو سي ايريا انچارجز ۽ 54 يو سي ايم اوز مقرر ڪيا ويا آهن ته جيئن مقرر هدف حاصل ڪري مهم کي سئو سيڪڙو ڪامياب بڻائي سگهجي. اجلاس ۾ ايڊيشنل ڊپٽي ڪمشنر رياض حسين لغاري، ڊسٽرڪٽ هيلٿ آفيسر ڊاڪٽر محمد حنيف ميمڻ، ڊسٽرڪٽ مئنيجر يونيسيف اعجاز جکرو، ڊاڪٽر نظير، پي پي ايڇ آءِ، مرف، ڊبليو ايڇ او ۽ مختلف اين جي اوز جي نمائندن سميت صحت، تعليم، پوليس، لوڪل گورنمينٽ، اطلاعات ۽ ٻين لاڳاپيل کاتن جا عملدار پڻ موجود هئا. بعد ۾ ڊپٽي ڪمشنر غضنفر علي قادري ۽ ڊي ايڇ او ڊاڪٽر محمد حنيف ميمڻ سول اسپتال مکلي ۾ ٻارن کي پوليو جا قطرا پياري مهم جو باقائد افتتاح ڪيو ۽ عوام ۾ پوليو بابت شعور ۽ آگاهي پيدا ڪرڻ لاءِ ريلي پڻ ڪڍي وئي.

بقايا	سنڌيار	38

رميش ڪمار سڪينه اقراءَ ۽ ٻين مظاهرو ڪندي چيو آهي ته هو هر پوليو مهم جو بائيڪاٽ تيستائين جاري رکندا جيستائين سندن اسڪول جي عمارت نئي ڏني وڃي. هنن وڌيڪ چيو ته 180 کان وڌيڪ ٻارڙا گذريل 12 سالن کان کلئي آسمان هيٺ تعليم پرائي رهيا آهن ۽ گذريل سال هن اسڪول جي عمارت جو ٽينڊر به ٿيو هو جيڪو ڪاغذن ۾ گم ٿي ويو آهي ۽ اسان ان دوران ڪيترائي احتجاج ڪيا آهن ۽ وسوارن کي درخواستون موڪليون آهن پر اسان جو آواز نٿو ٻڌو وڃي

آفيس آف دي ايگزيڪيوٽو انجنيئرنگ (ڊيو) پبلڪ هيلٿ انجنيئرنگ ڊويزن دادو

ويجهو غريب آباد محلہ دادو

Phone No: 025-4552322
No: TC/210

Email: xenpheddadu@yahoo.com
Dadu Dated: 20-01\-2023

ٽينڊر گهرائڻ جو نوٽيس

سنگل اسٽيج ٽو انوليپ طريقيڪار آڇ عمل تي سڀني ٺيڪيدارن/فرمن جيڪي پاڪستان انجنيئرنگ ڪائونسل وٽان لاڳاپيل فيلڊ ۽ موزون ڪيٽيگري ۾ رجسٽرڊ هجن کان ايس پي پي آر اي رولز 2010 (ترميم ٿيل 2019) جي مطابق الڳ مهربند لفافن ۾ مهربند آڇون گهرائجن ٿيون.

سيريل #	تفصيل	ڪٿيل لاڳت ملين ۾	سوٽي رقم 5% ملين ۾	ٽينڊر في	تڪميل جو مدو
	سنڌ ۾ اپاشي واهن ۽ ڍنڍن ۾ نڪرندڙ شهري گندي پاڻي جو خاتمو فيز II				
1	ڊرينيج اسڪيم خيرپور ناٿن شاهه تعلقو خيرپور ناٿن شاهه ضلعو دادو	156.300	7.815	5000	24 مهينا
2	ڊرينيج اسڪيم سيتا ضلعو دادو	95.665	4.783	5000	24 مهينا

1. مٿي ڄاڻايل ڪمن جي لاءِ خالي ٽينڊر فارم /پروپوزل دستاويز ايگزيڪيوٽو انجنيئر (ڊيو)، پبلڪ هيلٿ انجنيئرنگ ڊويزن دادو جي آفيس مان ڪنهن به ڪم واري ڏينهن تي ايس پي پي آر اي ويب سائيٽ تي هوسٽنگ يا اين آءِ ٽي جي اخبارن ۾ اشاعت جي تاريخ کان 2023_02_13 تي منجهند جو 12:00 وڳي تائين لکت ۾ درخواست ۽ طئي ٿيل ٽينڊر في (ناقابل واپسي) 5000 رپين جي ڪيش ادائيگي تي ايگزيڪيوٽو انجنيئر (ڊيو) پبلڪ هيلٿ انجنيئرنگ ڊويزن دادو مان حاصل ڪري سگهجن ٿا.
2. ٽيڪنيڪل پروپوزل ۽ فنانشل پروپوزل الڳ مهربند لفافن ۾ جن تي واضح طور تي "ٽيڪنيڪل پروپوزل" ۽ "فنانشل پروپوزل" لکيل هجي تي ٻڌل ٽينڊر 14_02_2023 تي منجهند جو 1:00 وڳي تائين واپس ورتا ويندا . حصو وٺندڙ فرمن جا ٽيڪنيڪل پروپوزل ساڳئي ڏينهن تي منجهند جو 02:00 وڳي پروڪيورمينٽ ڪميٽي ٻاران حصو وٺندڙ ٺيڪيدارن/فرمن يا انهن جي بااختيار نمائندن جي موجودگيءَ ۾ کوليا ويندا. جيڪڏهن ٽينڊرن کي موٽ نه ملي ته ساڳيا پيهر 02_03_2023 تائين جاري ڪيا ۽ 2023_03_03 تي منجهند جو 02:30 وڳي تائين واپس ورتا ۽ ساڳئي ڏينهن تي حصو وٺندڙن جي موجودگيءَ ۾ منجهند جو 02:00 وڳي کوليا ويندا.
3. کوليل ٽيڪنيڪل پروپوزل کي فرمز جي ٽيڪنيڪل قابليت جي لاءِ جاچيو ويندو. ٽيڪنيڪل ڪواليفائيڊ فرمز جون فنانشل آڇون/پروپوزل کولڻ جي تاريخ ۽ وقت بابت سڀني ڪواليفائيڊ ٺيڪيدارن/فرمز کي ايڊوانس ۾ لکت ۾ آگاهي ڏني ويندي. ٽيڪنيڪلي ڪواليفاءِ نه ڪري سگهندڙ ٺيڪيدارن جو فنانشل آڇون/پروپوزل بنا کولڻ جي واپس ڪيا ويندا.
4. ٽينڊرز آڇ ڏيندڙ ٻاران ڏيان ۽ صفائي سان ڀريل ۽ دستخط ٿيل هجن. هرهڪ آڇ مٿي ڄاڻايل جي مطابق سوٽي رقم ايگزيڪيوٽو انجنيئر (ڊيو) ، پبلڪ هيلٿ انجنيئرنگ ڊويزن دادو جي حق ۾ ڪال ڊپازٽ جي شڪل ۾ هجن. بد سيڪيورٽي ٽيڪنيڪل پروپوزل سان جمع ڪرائي وڃي. نامڪمل ٽينڊرن اوور رائيٽنگ يا شرطيا ٽينڊرن تي غور نه ڪيو ويندو
5. 2021_22 سال جي لاءِ پاڪستان انجنيئرنگ ڪائونسل مان هرڪم جي ويليو موجب موزون ڪيٽيگري ۾ رجسٽريشن سرٽيفڪيٽ CE_09، CE_10 ۽ EE_11
6. انڪم ٽيڪس ڊپارٽمينٽ سان رجسٽريشن (اين ٽي اين ڪاپي) ۽ سنڌ روينيو بورڊ (سيل ٽيڪس رجسٽريشن) مالڪ/پروپرائيٽرز جي سڃاڻپ ڪارڊ جي ڪاپي.
7. ڪانٽريڪٽر ايس پي پي آر اي رولز 2010 ترميم ٿيل 2017 جي رول 16.(i)(iii) هيٺ سنڌ روينيو بورڊ سان رجسٽرڊ هجي.

(ٽيڪنيڪل پروپوزل)

8. ٽيڪنيڪل پروپوزل ڪمپني پروفائل سان هيٺ ڄاڻايل ڄاڻ تي مشتمل هجي.
   a) (گهٽ ۾ گهٽ 4 عدد) واٽر اينڊ سيوريج جابز جي مڪمل ڪيل ڪمن جي فهرست دستاويزي ثبوتن سميت ساڻ آجر ٻاران ڪم جي اطمينان جوڳي پڄاڻي جو سرٽيفڪيٽ
   b) واٽر ۽ سيوريج جابز جي (گهٽ ۾ گهٽ 4 عدد) هلندڙ ڪمن جو تفصيل ساڻ ايوارڊ آف ورڪس جي ليٽر جي ڪاپين سميت.
   c) ڪم جي تڪميل جي لاءِ موجود مشينري ۽ اڪيوپمينٽ جو تفصيل دستاويزي ثبوتن سميت.
   d) ٽيڪنيڪل فردن ۽ ڪي سائيٽ مينيجمينٽ اسٽاف جي قابليت ۽ تجربو
   e) گذريل 3 سالن جي بينڪ اسٽيٽمينٽ ساڻ مالي صلاحيت آڇ رقم جي ٽرن اوور جي هجي ۽ گذريل 3 سالن جو انڪم ٽيڪس رٽرن
   f) تازو حلف نامو ته فرم مقدمي بازي يا ڪم ڪي اڌ ۾ ڇڏڻ ۾ ملوث ناهي
   g) حلف نامو ته فرم ڪنهن به پروڪيورمينٽ ايجنسي وٽان بليڪ لسٽ ٿيل ناهي
   h) حلف نامو ته ڏنل ڄاڻ، دستاويز ۽ ڊيٽا مڪمل درست ۽ سچي آهي.
9. جمع ڪرڻ/ کولڻ جي تاريخ ۽ وقت تي نامناسب حالتن يا سرڪار ٻاران عام موڪل جي اعلان جي صورت ۾، ٽينڊر ايندڙ ڪم واري ڏينهن تي ساڳئي وقت ۽ جڳهه تي جمع ڪيا/ کوليا ويندا.
10. پروڪيورمينٽ ايجنسي ايس پي پي آر اي رولز 2010 جي لاڳاپيل شقن موجب ڪنهن به يا سڀني ٽينڊرز کي رد ڪرڻ جو حق محفوظ رکي ٿو.

ايگزيڪيوٽو انجنيئر (ڊيو)
پبلڪ هيلٿ انجنيئرنگ ڊويزن دادو

INF/KRY No: 214/23

پڙهندي سنڌ ته .... وڌندي سنڌ